# دريءَ وٽ ويٺل هڪ ڇوڪري

کهاڻيون

ذوالفقار ڪانڌڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري

(ڪهاڻيون)

ذوالفقار ڪانڌڙو

سچائي اشاعت گهر- دڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(حق ۽ واسطا قائم)

كتاب جو نالو: ڊريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري
موضوع: ڪهاڻيون
ليکڪ: ذوالفقار ڪانڌڙو
مهينو/سال: مارچ 1996ع
ڇپائيندڙ: سچائي اشاعت گهر- دڙو فون: 182
ڪمپوزڊ باءِ: ڪونڌر ڪمپيوٽر ڪمپوزرس ائنڊ اڪيڊمي گاڏي کاتو
حيدرآباد. Ph. 783320

قيمت =/35 روپيا
پڪو جلد =/50 روپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن جي نالي:
جن مونکي پيار ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪهاڻين جو وچور


١- ٽڪل زندگيءَ جا اگهاڙا عڪس .......... 19
٢- هستيءَ جا ٽٽل ٽڪرا .......... 28
٣- بدحواس ٿي ويل ماڻهو .......... 41
٤- دريءَ وٽ بيٺل ڇوڪري .......... 47
٥- هڪ پل ڪانپوءِ زندگيءَ جو روپ .......... 51
٦- گهر ٿي ويل امن جي ڳولا ۾ .......... 58
٧- ڇنو پونڪي ٿو .......... 66
٨- آئينا ۽ اولڙا .......... 82
٩- گذري ويل پل .......... 87
١٠- ڪجهه نه ٻڌائي وڃائي ڇڏڻ .......... 99



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران....

ذوالفقار ڪانڌڙي جو ڪهاڻي ڪتاب "دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري" حاضر آهي.

ذوالفقار ڪانڌڙو، گذريل ٽن چئن سالن کان مسلسل لکندو پيو اچي. سندس ڪافي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. هو ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ اڄڪلھ هڪ ناول/ ناولٽ بہ لکي رهيو آهي.

هن لکڻ تہ پنهنجي ڳوٺ ڪانڌڙا لڳ دڙو، ۾ پاڻ مرادو شروع ڪيو، پوءِ جڏهن هو "سنڌي ادبي سنگت دڙو" جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيو تہ سندس ڪهاڻيون وڌيڪ پختگي اختيار ڪرڻ لڳيون.

ذوالفقار، ادبي هُل بکيڙن ۽شهرن جي وڏن نالن کان پري رهندڙ، گهٽ واقفيت رکندڙ ۽پنهنجي ڌن ۾ رهندڙنوجوان آهي. ان لحاظ کان ذوالفقار خوشنصيب آهي تہ هو سنڌي اديبن جي "شر" کان پري رهيو آهي، نہ تہ شايد انهن اديبن جو ٻتالينون ڪيس ڪوڙيون ٻهيون ڏيئي، اڌ رستي ۾ ئي ڪوڙي تعريف جا طوق پارائي، ٻين ڪافي تعريفن جي "ٻل" چڙهي ويندڙ نوجوان ليکڪن جيان، اڌ پنڌ ۾ ئي ويهاري ڇڏين ها.

توهان هي ڪتاب پڙهو ۽ ليکڪ سان گڏ اسانکي بہ پنهنجي راءِ کان واقف ڪيو.

**يوسف سنڌي**

18-12-95

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاڻين جا آهي جملا پنهنجي سگهه ڏيکارڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ ٻڌائي رهيا آهن ته ذوالفقار ڪانڌڙي وٽ ڪيڏو نه ڇهندڙ مواد موجود آهي!

ذوالفقار ڪانڌڙي جي ڪهاڻين جا خوبصورت جملا، نواڻ رکن ٿا. ۽ اهڙيون سٽون ۽ جملا جيڪي ڏسڻ ۾ ٻهراڙي جي ڪنهن سادي سَودي ٽينگريءَ جي ڳالهائڻ جي انداز وانگر آهن پر انهن جملن ۾ هڪ 'مينا بازار' سمايل آهي.

اسانجي ادب ۾ ،جيڪڏهن خود تنقيدي انداز ۾ جائزو وٺبو ته مڙني پاسن کان گهٽتايون آهن. ادب ۾، ڪا نياري وٽ ڏيڻ جو خاص تصور نه رهيو آهي، ان ڪري ادبي ۽ علمي رويا به جڙي نه سگهيا آهن. ادب جون سڀ صنفون، تخليق تنقيد، تحقيق ۽ ترجمو نه هجڻ جي برابر آهن. تخليق جي نالي تي غير تخليقي ماڻهن جي "اديب" طور پرتي ڪجهه ڏکي آهي، باقي صنفن ۾ هر "لال واهي جو ڇيڙو"، "بحر بي ڪران" بڻيل هوندو آهي.

ڪهاڻيءَ سان اسان وٽ اڄان ڪوبه انصاف نه ٿيو آهي، ان بي انصافيءَ جي بئڪ گرائونڊ ۾ وڃبو ته معلوم ٿيندو ته اسان ماڻهو پنهنجي ڪنهن به باصلاحيت فرد جو مان مرتبو چاهون ئي نه ٿا. هر شعبي ۾، عجيب غريب عالم ۽ اڪابر، وڏن وڏن سنگهاسن تي ويٺا آهن. جيڪي هڪڙي مخصوص ٻولي ڳالهائيندا آهن، جنهن مان اسانکي اهوئي اندازو ٿيندو آهي ته جيڪڏهن فنون لطيفا هجي، سائنس ۽ ٽيڪنالوجي هجي، ثقافت هجي يا سياحت، هر هنڌ اهي ماڻهو سنڌي ٻولي، ۽ ادب ۽ قوم جا برجهلا آهن، باقي ماڻهو ڇٽ ڇامڙا يا اڃان به ائين چئجي ته ٽڪر پتر آهن.

اهڙي صورت حال ۾ آئون جيڪڏهن پنهنجي باصلاحيت همعصر نوجوان ڪهاڻيڪار ذوالفقار ڪانڌڙي جي ڪهاڻين کي زبردستي ڪافڪا، بورخيس، ڪاميو، ميلانڪنڊيرا يا مارڪيز جي لکڻين سان ڀيٽائي نه سگهان، انهن ڪهاڻين ۾ هڪ همگيريت ۽ عالمگيريت لهي نه سگهان ۽ ڪيس هن مهاڳ ذريعي سنڌ جو مهان ڪهاڻيڪار ثابت نه ڪري سگهان ته ان ۾ منهنجو ئي ڏوهه هوندو. جنهن لاءِ خود ڪهاڻيڪار ۽ پڙهندڙ مونکي بخش ڪن، جو ٻهرحال آئون، قلاباز قسم جو نقاد ناهيان، آهيان ته بس ڪهاڻيءَ جو پاڻڪ آهيان ۽ ليکڪ آهيان. منهنجي عادت آهي ته، آئون پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪارن کي باقائدي پڙهندو آهيان. جن دوستن ۾ مونکي ڪجهه ڪٿا نظر ايندا آهن ته انهن جو نالو منهنجي ذهن ۾ هڪ سٺي ڪهاڻيڪار طور رهندو آهي.

ضراب حيدر، مراد قريشي، ناهيد مغل ۽ ذوالفقار ڪانڌڙو، اهي اهڙا ڪهاڻيڪار آهن، جن جيڪڏهن لاڳيتو محنت ڪئي ته اڳتي هلي تمام سٺيون ڪهاڻيون ڏيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذوالفقار ڪانڌڙو سنڌي ۽ اڻ سڌي طرح جن ليکڪن ڪان متاثر ٿيو آهي، مون انهن ليکڪن کي سندس لکڻين مان ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. ذوالفقار پاڻ چوندو آهي تہ، هُو مشتاق شوري کان متاثر آهي. مشتاق شورو پنهنجي دؤر جي حوالي سان ڪهاڻيءَ ۾ نون تجربن کي متعارف ڪرايو هو، پر بهرحال هاڻ، ڪهاڻي اجهان بہ نوان لاڙا، نوان رخ ۽ نوان تجربا گهري ٿي. ذوالفقار جي پنهنجي چواڻي تہ هو مشتاق شوري جي انداز ۾ ڪهاڻيون لکڻ چاهيندو آهي، پر لکي نہ سگهندو آهي. ذوالفقار جي ڪهاڻين مان واضح طور تي ظاهر آهي تہ هن جي لکڻين تي ماڻڪ جي ڪهاڻين واري Style جو وڏو اثر آهي. ذوالفقار، هن وقت جي نوجوان ڪهاڻيڪارن ۾ باقائدگيءَ سان مطالعو ڪندڙ ڪهاڻيڪار آهي، اهو ئي سبب آهي جو گهڻن ڪهاڻيڪارن وانگر هن، اردوءَ جي مشهور افسانہ نگار مظهر الاسلام جو بہ اثر ورتو آهي. پر ذوالفقار جي اها خوبي آهي تہ هُو، مظهر الاسلام کي هرويرو Follow نہ ٿو ڪري.

ذوالفقار وٽ لکڻ وقت، هميشہ داخليت موجود رهي ٿي، ان ڪري سندس هر ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار ذهني اوک ڊوک، ڪشمڪشي ولوڙ، اندر جي اپٽار ۾ مصروف رهي ٿو. هر ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار نفسياتي طور مُنجهيل، ڏهيل ۽ شديد قسم جي هسٽريڪ اٽيڪ جو شڪار رهي ٿو. هر مرڪزي ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن روڳ ۾ ورتل آهي. مثال طور ڪهاڻي "ڪتو يونکي ٿو" جو مرڪزي ڪردار (Hallucination) وهم ۽ اجاين سودائن جو شڪار آهي، جنهن ڪري هُو پاڻ کي ڪتو محسوس ڪري ٿو. Hallucination جنهن ۾ ماڻهو جي True perception ختم ٿي ويندي آهي ۽ هن جي ڪا هڪڙي حس Sense يا سيني حسون، ڪيس دوکو ڏينديون آهن. ان کان علاوه ذوالفقار جي ڪهاڻين جا ڪردار Delirium وقلڻ / هزيان بڪڻ ۾ مبتلا هجڻ سان گڏ -Insanity Me) (lancholia پاڳل پڻي يا جنون ۾ ورتل بہ هوندا آهن. ۽ انهن روڳن ۾ ورتل ڪردارن بابت اهو بہ ڄاڻائي ٿو تہ اهي انهيءَ حالت کي ڪيئن ٿا پهچن. ڪهڙيون خارجي حالتون آهن، جيڪي انهن ڪردارن جي داخليت کي Upset ڪن ٿيون. سماجي اڻ برابري عدمِ تحفظ ۽ بي يقينيءَ جا حساس، ذهني ۽ جنسي ناآسودگي ۽ بيون انيڪ ڳالهيون، ڪنهن بہ حساس يا سوچيندڙ ماڻهوءَ کي دماغي مريض بڻائي سگهن ٿيون. ان حد تائين جو ڪهاڻيءَ "هستيءَ جا ٽٽل ٽڪرا" جو مرڪزي ڪردار، بدحالي، بي روزگاري ۽ غربت جو ايترو تہ ماريل آهي جو، هو ذهني ناسودي Mental impotence جو شڪار ٿي ويو آهي.

سو ذوالفقار، عام ماڻهو / عام نوجوان جي اندر جي اپٽار ڪندي محو آهي. هن جي هر ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار ڏاڍو قنوطي نظر اچي ٿو. ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي اڃا آئون رڳو ايترو چوندس تہ ٻرندڙ وٽ ڪهاڻي جي Wind up جو جيڪو خاڪو ذهن ۾ جڙيل هوندو، ڪهاڻيءَ ۾ ائين ناهي. ڪهاڻيءَ سان ذوالفقار ٺيڪ ٺاڪ انداز ۾ نڀايو آهي. پر مونکي ڪهاڻي جي اختتامي حصي جي ڊيگهہ تي اعتراض آهي. جيڪو منهنجي خيال ۾ غير ضروري آهي. ساڳي ئي Style ۾ ڪهاڻي "ڪجهہ بہ نہ پائي وڃائي ڇڏڻ" آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ڪوڙ سارن Complexes جو شڪار آهي. سماجي اونچ نيچ جو روئڻو بہ روئي ٿو ۽ پيار کان محرومي تي بہ ٻاڪاري ٿو ۽ اهڙا ڪردار اڻلڀ ناهن. ذوالفقار، هن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ڪردار جي باقاعدي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ جي خوبي اها آهي تہ مرڪزي ڪردار پيار بابت جيڪي ڪجهہ سوچي ٿو، اهي سڀ ميچريل قسم جا رمارڪس، ذوالفقار سيتي ڍنگ سان ڏنا آهن ۽ ان مان سندس تشبيهن گهڙڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي صلاحيت جو ڏس ملي ٿو. ذوالفقار شين کي Porsonify (ڪنهن شيءِ کي انساني عادت يا خصلت ڏيڻ) ڪري ٿو، اهو بہ ڏسڻ وٽان آهي.

"مٿان ڦرندڙ پنکو ڪِلي پيو مون تي، ٻي سُري آواز ۾ ڏند ڪڍيو....."

هتي پنکي کي ٻي سري آواز ۾ ڏند ڪڍي کلڻ جهڙي عادت ڏني وئي آهي. ۽ اهڙا ڪوڙ اهڙا مثال ذوالفقار جي ڪهاڻين ۾ موجود آهي، جن ۾ ذوالفقار ڏاڍيون خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن. تشبيهن ۾ يا انهن کان علاوه مختلف هنڌن تي جنهن فنڪاراڻہ Porsonification ڏيڻ جو ۽ ڪٿي ڪٿي Hyperbole ڪرڻ جو مظاهرو ڪيو اٿس، اهو بہ ڪيس وڏيڪ مارڪس ڏئي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ذوالفقار جو مرڪزي ڪردار پيار نہ ملڻ جي احساس محروميءَ جو شڪار آهي ۽ هن کي ائين لڳندو آهي تہ دنيا جو هر ماڻهو ڪانئس نفرت ڪري ٿو پوءِ هُو پيار ڪرڻ ۽ پيار ماڻڻ لاءِ نڪري ٿو....

ڪهاڻيءَ جي عنوان مان اهو پڌرو آهي تہ ڪهاڻيءَ جو اختتام ڪيئن هوندو. تنهن ڪري هاڻ، آئون وڌيڪ تبصرو ڪري، ڪهاڻيءَ جو تجسس، خراب نہ ڪندس، پر ذوالفقار کي مشورو ضرور ڏيندس تہ ڪهاڻيءَ جو عنوان ڏاڍي خبرداريءَ سان رکڻو پوندو آهي. ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻيءَ جي معيار جي خبر، ڪهاڻيءَ جي عنوان مان ئي لڳائي ويندي آهي. تنهن ڪري هرويرو جي تجريديت ۽ Abstract علامتي انداز Symbolic جي ناءِ تي ابهام کان ڪم نہ وٺجي، پر بهرحال عنوان اهڙو مناسب، موزون ۽ نهڪندڙ هجي جو ڪهاڻيءَ جو خوبصورت چهرو بڻجي پوي. (۽ اهو طئہ آهي تہ خوبصورت چهرا وسرندا ناهن)

بهترين نياءَ سان ذوالفقار جي ڪهاڻي "هستي جا ٽٽل ٽڪرا" ڏاڍي سٺي ڪهاڻي آهي. هي ڪهاڻي Third person اسٽائل ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مرڪزي ڪردار اڪرم، بدحالي، بيروزگاريءَ جو شڪار رهي ٿو. يونيورسٽي ۾ ايڊميشن وٺي ٿو، پر غربت سبب پڙهي نہ ٿو سگهي، شهر ۾ نوڪري ڪري ٿو تہ ڪيس خطرناڪ بيماريءَ جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. اڪيلائي، نراسائي، پريشاني جي سڄي عرصي دوران هُو مونجهارن ۽ ڊپريشن جو شڪار رهي ٿو تہ ذهني نامردي جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ان قسم جي نفسياتي روڳ سبب سندس زندگي بي رونق بڻجي ٿي وڃي ۽ ڪيس پنهنجي هستي ٽٽل پڳل ۽ ٽڪرن ۾ ورهايل لڳي ٿي... اهڙي ماڻهو جو ڪهڙو حشر ٿئي ٿو؟ ذوالفقار هن ڪهاڻيءَ ۾ ان موضوع کي کنيو آهي. ۽ ان موضوع کي ذوالفقار Artistic انداز ۾ نڀايو آهي ۽ ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي، جنهن انداز ۾ ڪئي اٿس. ان مان سندس Craft جي خبر پوي ٿي. ذوالفقار وٽ ڪهاڻين ۾ جيڪڏهن Windup ڪرڻ ۽ ڪهاڻيءَ تي گرفت (Gripe) رکڻ جو اهڙو ئي پختگي رهي تہ ذوالفقار، ڪهاڻيءَ جو سٺو ٽيڪنيشن ٿي سگهي ٿو.

ذوالفقار جون ٻيون بہ ڪهاڻيون "بدحواس ٿي ويل ماڻهو" ۽ گهر ٿي ويل امن" جي ڳولا ۾ Descriptive انداز ۾ لکيل آهن. اهي ٻئي ڪهاڻيون، سماج ۾ بدامني سبب پيدا ٿيل عدم تحفظ واري بدحواسيءَ جي عڪاسي آهن. هنن ڪهاڻين کي ذوالفقار جون Average ڪهاڻيون چئي سگهجي ٿو. هنن ڪهاڻين جهڙي هڪ ٻي بہ ڪهاڻي آهي "ڪتو يونڪي ٿو." جنهن جو ذڪر شروع ۾ ڪيو اٿم. ڪهاڻي "آئينا ۽ اولڙا" ڊراماٽائيز ٿيڻ جهڙي ڪهاڻي آهي، جو تہ ڪهاڻيءَ ۾ Flash Backs ڏنل آهن. انهيءَ بحث ڪان هٽي تہ ٽيلي ويزن ڊرامي ۾ فليش بئڪس ڏجن، نہ ڏجن، ٿورا ڏجن يا گهڻا ڏجن، هن ڪهاڻيءَ جا واضح فليش بئڪس ڪهاڻيءَ کي ٻين ڪهاڻين کان مختلف بنائين ٿا. هونئن تہ ٻين ڪهاڻين ۾ بہ فليش بئڪس آهن. "ڪتو يونڪي ٿو" ۾ پڻ آهن.

ڪهاڻي "هڪ پل ڪان پوءِ زندگيءَ جو روپ" بہ ڪهاڻيءَ "ٽڪل زندگي جا اگهاڙا عڪس" وانگر سٺي ۽ پن ڊگهي ڪهاڻي آهي. هنن ٻنهي ڪهاڻين ۾ هڪجهڙائي اها آهي تہ هنن ٻنهي ڪهاڻين جا ڪردار غريب آهن ۽ ٻهراڙيءَ مان شهر ۾ اچي گهٽ گريڊ جي نوڪري ڪن ٿا. ۽ ٻنهي ڪهاڻين ۾، ٻين ڪهاڻين وانگر هيٺين ڪلاس جي ماڻهن جا مسئلا ۽ مونجهارا ڇاٽايا ويا آهن. ۽ ٻنهي ڪهاڻين جي اختتام ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ جو "ڪهاڻي ٽڪل زندگيءَ جا اگهاڙا عڪس" جو مرڪزي ڪردار آخر تائين مسئلن ۽ مونجهارن ۾ ڦاٿل رهندو آهي ۽ اها ساڳي حالت ڪهاڻي "هڪ پل ڪان پوءِ زندگيءَ جو روپ" جي مرڪزي ڪردار جي رهي ٿي. ائين چئي سگهجي ٿو، "هستيءَ جا ٽٽل ٽڪرا" ڪهاڻي، ۽ مٿي ڄاڻايل ٻئي ڪهانيون، هن مجموعي جون سٺيون ڪهاڻيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪهاڻي "دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري" ڪتاب جي ٽائيٽل اسٽوري آهي ۽ اهو چوڻ بجا ٿيندو ته ٽائيٽل اسٽوري هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. ذوالفقار جي هيءَ ڪهاڻيءَ پڙهڻ کان پوءِ سعادت حسن منٽو جا افسانہ ياد اچي ٿا وڃن. ڳڻوڳڻ ائين ٿو لڳي ته ڄڻ "ماٽڪ" ڪا نئين ڪهاڻي لکي آهي. ڪهاڻي "دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري" ذوالفقار کي سٺو ڪهاڻيڪار ثابت ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جي ڪٿا Uprising ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ جي Development ڪهاڻي جو Climax ۽ اينٽي ڪلائمڪس بہ ڏاڍا شاندار آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ، ڪهاڻي "هستيءَ جا ٽٽل ٽڪرا" وانگر ذوالفقار جو فن Skill ڏاڍو پختو نظر اچي ٿو. هنهي ڪهاڻين پڙهڻ کانپوءِ قطعي طور محسوس نہ ٿو ٿئي ته ذوالفقار ڪو نئون لکندڙ ڪهاڻيڪار آهي.

ذوالفقار جي جيڪا خامي آهي، سا اها آهي ته ذوالفقار وٽ پنهنجو Dic-tion ڪونهي. لهجي جي اڻ هوند يا لهجي جو ورجاءُ ڪهاڻيڪار جي Wisdom ۽ Wit جي ڪريڊٽ کي ايرڻ نہ ٿو ڏئي. ٺيڪ آهي، ذوالفقار، ان پرائي لهجي سان بہ مهارت آزمائي ڪري، پنهنجي لاءِ هڪ جڳهہ ٺاهي وٺندو، پر ذوالفقار کي جيڪڏهن ڪهاڻيءَ ۾ دائمي اثر ڇڏڻا آهن تہ پنهنجي لهجي کي نئون بڻائڻو پوندس. ڳڻوڳڻ، ذوالفقار کي اهو سمجهڻو آهي ته موضوعن جو ورجاءُ، Varie-ty نہ هجڻ کي ظاهر ڪري ٿو. Typicality گهڻو ڪجهہ گهرندي آهي. ذوالفقار کي اهو ذهن نشين ڪرڻو آهي تہ دنيا جو هر لفظ هر، هر جملو، هر ڳالهہ پراڻي هوندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ نئين هوندي آهي تہ اها آهي Presentation پيشڪش.●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪهاڻيڪار جي سوچ!

**ڪهاڻيڪار** کي ڪهاڻيون لکڻ جو ڪوبہ شوق نہ هو، پوءِ بہ هن ڪهاڻيون لکي ورتيون.

ننڍپڻ کان ئي ڪهاڻيڪار گهڻو ڪري سوچن ۾ رهندو هو يا ڪتاب پڙهندو رهندو هو. ڪتاب پڙهڻ جو کيس ايترو جنون هو جو هو پنهنجي خرچي کپائيندو نہ هو، پر رڳو ڪتاب وٺندو هو.

ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ڪهاڻيڪار سوچن جي ساگر ۾ لڙهندو رهندو هو. تڏهن ننڍپڻ کان ئي سندس مامون کيس چوندو ئي "سوچڙ" هو.

"اِئين سوچبو آهي جيئن تون سوچيندو آهين؟"

سندس مامي جو اِهو جملو چوڻ تي ڪهاڻيڪار کي ڪاوڙ لڳندي هئي، پر پاڻ پوءِ بہ، سوچن مان پاڻ کي آجو نہ ڪري سگهندو هو.

ڪهاڻيڪار کي ڪهاڻيڪار ٿيڻو نہ هو، پر ڪهاڻيڪار، شاعر ٿيڻ چاهيو هو. تڏهن، جڏهن پوپٽ جهڙي هڪ ڇوڪريءَ کي شاعري وڻڻ سان گڏ، ڪهاڻيڪار بہ وڻندو هو. تنهن وقت ڪهاڻيڪار جي ڳوٺ ۾، ڳوٺ جي نوجوانن گڏجي لائبريري کولي هئي. ڪهاڻيڪار روز باقائده لائبريري ويندو هو، هُو ڪتاب پڙهڻ، پوپٽ جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ سوچڻ کان سواءِ، رسالن ۽ ڪتابن مان سُٺي شاعري چونڊي پوپٽ جهڙي ڇوڪري کي موڪليندو هو.

۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو ڪهاڻيڪار شاعري ڪرڻ لڳو!

پر ڪهاڻيڪار اُن ڇوڪريءَ کي پنهنجي شاعري ٻڌائي نہ سگهيو هو ۽ ائين هڪ ڏينهن اُها پوپٽ جهڙي ڇوڪري هن کان جُدا ٿي ويئي، سنڌ وچم ريتن رسمن جون مضبوط ديوارون اچي ويون. جن کي ڪهاڻيڪار، فرهاد بڻجي ٽوڙي نہ سگهيو!

۽ پوءِ ڪهاڻيڪار شاعري ڪرڻ ڇڏي ڏني هُئي ۽ هو رڳو ڪتاب پڙهندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهندو هو ۽ حد کان زياده اُداس رهندو هو ۽ احساس محروميءَ جي ڌٻڻ ۾ ڦاسندو ويو.

سوچون، سارون، سپنا ۽ اُداسيون رهجي ويون ڪهاڻيڪار وٽ! جون ۱۹۹۱ع ۾ ڪهاڻيڪار هڪ ڪهاڻي لکي، جيڪا جلدي ئي مهيني ۾ ڇپجي ويئي.

ڪهاڻيڪار ڏاڍو خوش ٿيو هو، ڪيس ائين لڳو ته هن ڪان وچڙيل اُها پوپٽ جهڙي ڇوڪري، ڪهاڻيءَ جو روپ ڌاري هن وٽ هلي آئي آهي، ۽ پوءِ ائين ڪهاڻيڪار ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون لکندو رهندو آهي.

ڪيس ڪهاڻيڪار بڻائڻ ۾ وڏو هٿ يوسف سنڌيءَ جو آهي. جيڪو شروع کان ئي سنڌس ڪهاڻين تي پنهنجا قيمتي رايا ڏيندو رهندو آهي. يوسف ئي ڪهاڻيڪار کي اڄان بہ وڌيڪ مطالعي جو شوق ڏياريو. ’سنڌي ادبي سنگت‘ جي تنقيدي ڪلاسن ۾ وٺي ويو ۽ پنهنجي لائبريريءَ مان قيمتي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيڻ شروع ڪيا.

ڪهاڻيڪار کي مشتاق شوري جون ڪهاڻيون تمام گهڻيون وڻنديون آهن. سنڌي ادب مان وڌ ۾ وڌ پاڻ مشتاق جي ڪهاڻين کان ئي مُتاثر آهي، پر پاڻ مُشتاق جهڙيون پياريون ڪهاڻيون لکي ناهي سگهندو.

ڪهاڻيڪار کي ڪهاڻيون لکندي چار سال ٿيا آهن، پر اڄان تائين سنڌس ڪهاڻين جو تعداد صرف ارڙهن ڪن آهي. اُنهن چئن سالن اندر ڪهاڻيڪار لاتعداد ڪهاڻيون لکيون ۽ لکي وري ڪنهن جنوني ڪيفيت ۾ ڦاڙي پرزا بہ ڪري ڇڏيون. ڪهاڻيڪار سنڌس ڪهاڻين کي بڪواس سمجهندو آهي، پر جڏهن يوسف سنڌي ۽ طارق قريشي سنڌس ڪهاڻين جي تعريف ڪندا آهن ته ڪيس سنڌس ڪهاڻيون ڏاڍيون پياريون لڳنديون آهن.

ڪهاڻيڪار پاڻ کي دنيا جو اڪيلو نياڳو ۽ بدنصيب ماڻهون سمجهندو آهي، جو جيڪي ڪجهہ ڪهاڻيڪار حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي، اُهو ڪجهہ ڪهاڻيڪار کي نہ ملندو آهي ۽ پوءِ هُو گهڻوڪري خود ڪشي لاءِ سوچيندو رهندو آهي. ڪهاڻيڪار سان سنڌس ماءُ، پيءُ، يائر ۽ دوست بي انتها پيار ڪندا آهن، تڏهن تہ ڪهاڻيڪار خودڪشي ناهي ڪري سگهيو پر هُن جي پيار تي روئي ضرور پوندو آهي.

۽ هي ڪهاڻيون ڪهاڻيڪار اُنهن جي پيار جي ڇانوَ هيٺ ويهي تہ لکيون آهن!

**ذوالفقار ڪانڌڙو**

دڙو- ضلع ٺٽو، سنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# کهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٽڪل زندگيءَ جا اُگهاڙا عڪس

**خاموشي** جهرڪيءَ جيان گهر ۾ ڦيريون پئي پائي. انڌيرو اڻ ڄاتل مهمان جيان گهرجي پيتين تي ڇُهڻيل، بلب انڌو ٿي ويل، احساسن جي صليب تي ٽنگيل اڪبر، نستو ٿيو پيو آهي کٽ تي، ڳالهيون پيو ڪري چپ چوري بنا، پيتين سان، ڏهاڙي اِيئن وقت گذرندو ٿو رهي، آفيس کان مسواڙ جي جاءِ، اڪيلو، سگريٽ ۽ سوچون!

اونده سڄي گهر ۾ ڇانيل، گُهٽ، ٻوسٽ، هينئون پيو مُنجهي، کٽ تان اُٿي، بلب آن ٿوڪري، جڳ مان پاڻي گلاس ۾ اُوتي يڪ ساهيءَ پي ٿو وڃي، گهر ۾ ڪوٽ، ڪنهن وجود جي ڪوٽ، ڪڏهن به پوري نه ٿيندڙ ڪوٽ، اندر ۾ ٽانڊا پيا دکن، ٻاهر جا مچ ، شمشان آهي جڻ اندر ۾، پاڻي پيتل، تڏهن به اُڃ جو احساس، يڪو جڳ چپن تي ٿو رکي، ۽ پي ٿو وڃي، پيٽ ٿو ڦاٽي جڻ، پيٽ ۾ ايذاءُ، گهڻي پاڻي پيئڻ جي ڪري، پر اُڃ ختم نه ٿيندڙ، ٽانڊا ٻرندا ٿا رهن اندر ۾.

ڪڏهن به ڪين اُجها منديِ اِها ٻاهه، پيڙا جو پڙاڏو من اندر ۾، ڪو اڻ ڄاتو درد اندر ۾، سگريٽ، ڪش مٿان ڪش، ٽوٽو ٻجيل، چيپاٽي ٿو ڇڏي سگريٽ جي ٽوٽي ڪي.

کٽ تي ليٽي مٿان رلي وجهي پئجي ٿو وڃي بند قبر ۾.

قبر ڇا آهي اسان جهڙن انسانن لئه؟ قبر جو عذاب ته هتي به آهي، اڳتي وري اسان ڇا ڀوڳينداسين، ڪُجهه به ته نه!

زندگي رڳو هڻ وٺ، ڪو آرام سڪون ناهي، موت بهتر آهي هن زندگيءَ کان!

هڪ جهٽڪو آيل ذهن ۾:

ڳوٺ سندس شادي، موڙ ڇهري تي ٽنگيل، رات جي خاموشيءَ کي چيريندڙ شرناين، سندس چهرو بگڙيل، ڪاوڙ مان ڦوڪيل ماڻهن جون ڳالهيون، سُس پُس ، وات مان ڳالهين جا ويندڙ ڀتر، شاديءَ رات ڪنوار سان ملڻ لئه گهڙيو اندر ڪمري ۾.

نگاهه اچاتري ڳاڙهي وڳي ۾، ڪنڌنمائي، اندرم مُرڪندڙ نسرين ڏانهن ڪيائين. نسرين جي دل ۾ اُميدون ته هاڻي اُهو ڪُجهه ٿيندو جنهن لاءِ ڪيترائي ننڊ ۽ جاڳ ۾ خواب ڏناهثائين. پر محبت ، ناز نخرا، ماٺا، ڀاڪر، چُميون! پر ڪجهه به نه ٿيو. آواز ٻُڌائين "نسرين مون کي نفرت آهي توسان!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خيال بہ نہ اٿس تہ ڪيڏا مسئلن ۾ الجهيل آهيون اسان."

رات جا ٻہ، در تي ٺڪ ٺڪ، در کولي هٽائين، پٺهنس بيٺو هو در کلڻ جي انتظار ۾. وات مان عجيب قسم جي بوءِ، ٽڙندو ٽاٻڙجندو گهر ۾ گهڙيو هو. پر پاڻ پٺهنس کي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هو تہ "بابا توکي تہ اسان کي سمجهائڻ کپي نہ کي اسان توکي سمجهايون."

نوڪري ملڻ کان اڳ زندگي، بي مقصد، زوري گذاريندڙ، سجو ڏينهن ويچارن ۾، هن زندگيءَ کان موت بهتر آهي، هيءَ بہ ڪا زندگي آهي.

"لڳو پيو آهي روج راڙو، سجو ڳوٺ اچي ڪٺو ٿيو آهي. ڪنيو پيا وڃنس قبرستان ۾" . هڪ رات اهو خواب ڏسي ڇرڪ ڀري جاڳي پيو هو. نہ نہ آئون مرڻ نہ ٿو چاهيان، جيئڻ ٿو چاهيان اجان. زندگي بکواس لڳندڙ پوءِ بہ وڻندڙ وڏو خاندان ۽ گهر نندڙو. هل هنگامون سڄو ڏينهن، چڙ گهر کان، سجو ڏينهن بوريت، ڪم ڪار ۽ اڪيلو اڪيلو ڪو بہ سنگتي ساٿي نہ.

ڪنهن سان دوستي بہ رکڻ نہ ٿي چاهيائين، آخر اڄڪلهہ جي دوستي لاءِ چانهن پاڻي جيترا ڏوڪڙ بہ تہ هجن، جو ڪڏهن پيئجي ڪڏهن پيئارجي.

سجو ڏينهن اڪيلو ۽ اڪيلائپ، ڪوبہ دوست نہ، سواءِ اعجاز جي.

روز رات جو اعجاز جي گهر وڃڻ ۽ ٽي وي ڏسڻ، ٽي ويءَ جو ڏاڍو شوق، پر گهر ٽي ويءَ کان بغير، ۽ جيڪڏهن هجي بہ ها تہ ڪهڙي، سڪون سان ڏسجي ها، رڳو گهر ۾ ٻارن جو هل هنگامون ۽ روج راڙو.

اعجاز وٽ وينل هوندو هو ۽ ٽي ويءَ ۾ پيو نهاريندو هو، ذليل ڪمينو الائي ڇاڇا محسوس ڪندو پاڻ کي.

گذريل وقت جو هر پل ۽ هر لمحو سوچن ۾، مٿي جا وار کُسندا ويا. سوچون ماضيءَ جون حال جون ۽ پيانڪ مستقبل جون.

گهر ۾ پٺهنس کان پوءِ وڏو ڀاتي. پٽس گهر جي ذميوارين کان آجو. صرف مهيني جو پگهار ڪڏهن اڌ ڪڏهن سجو هٿندو گهر وارن جي منهن تي، باقي ٻي ڪمائي جوا ۽ شراب جي حوالي.

پاڻ سجو ڏينهن گهر جي ڪم ڪار ۽ ٻنيءَ جي ڪم ڪار تي، ڪو هٿ ونڊائڻ وارو بہ نہ، واندڪائي نہ ملندڙ. اِئين لڳندو هوس "چريو ٿي ويندس آئون. "سجيون ذميواريون جو اچي منهنجي مٿان پيون آهن، ڪنهن ڪم مان واندو ٿي نہ ٿو ٿيان. بابا آهي جوا، شراب ۽ عيش عشرت جي حوالي ۽ اسان آهيون سورن ۾."

وري جلديءَ ۾ تبديلي سوچن ۾:

"بابا کي پئسو تہ جام ملندو آهي پر هو پئسو وڃائي ٿو ڇڏي، سندس ذليل، ڪمينن ۽ لوسي دوستن ۾."

ها هونئين تہ بابا ڏاڍو سُٺو ماڻهو آهي، پر سندس گهٽي ڀاڳي سڀ جا سڀ دوست بيڪار، ڪنا، ذليل، واهيات ۽ لوسي ڪُتا آهن. بابا کي ڦٻايو ٿي انهن لوسي ڪُتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪبر جي ڏانهس نفرت ڀري نگاهہ.

”آخر اوهان پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا؟“ ڀهرين بغاوت جي چٽنگ.

”ڇا ٿي چوين تون....؟“ زوردار کهرو آواز.

”اوهان ڪڏهن بہ مون کي پنهنجي زال نہ ڪري ليکيو آهي، نہ ڪو پيار ڏنو آهي ۽ ڪڏهن سولي نموني اوهان مون سان ڳالهايو بہ نہ آهي“ ڪُجهہ بہ نہ ڪُڇيو هو اڪبر، دل ۾ هيڪاري نفرت وڌيل، پاسو ورائي سمهي رهيو هو.

هڪ ڏينهن آفيس کان سويل آيل، در ڪُليل، گهر ۾ گهڙيو، ڪير بہ گهر ۾ ڏسڻ ۾ نہ آيس، ”ڪيڏانهن ويئي آهي نسرين“ سڏ ڪيائين لاڳيتا. غسل خاني مان نڪتي هئي نسرين، هيسيل ۽ ڏڪندڙ. ”وهنجڻ وئي هئين ڇا؟“ پُڇيو هُئائين.

”نہ... ها.... پاڻي رکڻ ويئي هُيس.“ هٿ ڏڪيا پئي، لفظ وچڙيا پئي زبان ۾.

”آئون ٿڪجي آيو آهيان آئون ٿو وهنجان“ غسل خاني ڏانهن وڃڻ لڳو هو.

”نہ نہ تون پوءِ وهنج، گرميءَ مان ٻاهران آيو آهين، پگهر ۾ وهنجڻ صحيح ناهي.“

واپس ڪمري ۾ گهڙيو، نسرين جي چهري تي هڪدم خوشي اچي ويئي هُئي. ٿوري دير سهي ڪمري مان نڪتو ٻاهر، نسرين ڪمري کان ٻاهر بيٺل بنا وهنجڻ جي، غسل خاني جو، در ڪُليل، اندر پاڻيءَ جي بالٽي بہ نظر نہ آيس.

ٻئي ڏينهن بہ سويل واپسي آفيس کان، گهر جي پاسي ۾ بجليءَ جي دوڪان وارو رمضان مستري گهر مان نڪرندڙ، دل جو ڌڙڪو تيز ”ڇو ويو هو منهنجي گهر ۾؟“ سوچيائين گلي مان جهلي پڇانس.

”اڙي ڇو ويو هُئين منهنجي گهر ۾!“ پر اِئين نہ ڪري سگهيو. گهر ۾ داخل، نسرين ڪو پيار ڀريو فلمي گانو ڳائي رهي هئي، سندس چنبو نسرين جي منهن تي ”ڇو آيو هو بجلي وارو“؟

”بجلي خراب ٿي پئي هُئي گهر جي سا ٺاهڻ آيو هو“ نسرين ٿڙڪي، پٺي سندس ڏند ڪرٽيل، بدن ڏڪندڙ، لڱ لڱ ٿڙڪندڙ، اعتبار نہ آيس، نسرين جي چوٽيءَ ۾ هٿ مضبوط، ڌونداڙ، پٽ سان ٽڪر، مٿي مان رت ريلا ڪري وهندو رهيو، ماري ڇڏڻ جو پڪو ارادو، پر پوءِ هٿ ڍرا ٿي ويل.

۽ پوءِ زور نظرن ۾ رکندو هو نسرين کي، وري هڪ ڏينهن سويل آيو هو، گهر ۾ نسرين نہ هُئي، ڳوليائين، پر نسرين تہ هئي ئي ڪين، ٻاهر نڪتو بجلي جي دوڪان تي ٻيو همراه ويٺو هو.

”رمضان ڪٿي آهي؟“ وچڙندڙ زبان سان سوال ڪيو هُئائين.

”الائي ڪٿي آهي!“ طنزيہ مسڪراهٽ ۽ رکو جواب.

دوڪان جي پاسي واري بند ڪمري ۾ هلڪو ڳالهائڻ سمجهي نہ سگهيو هو، گهر آيو هو واپس، ٿوري دير گذري تہ نسرين پگهر مان شم ٿي آئي. ”ڪيڏانهن ويئي هئين؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"....... پاسي واري گهر ۾....... ساهيڙي ڪٿي اٿم........" اُن ڏانهن
ويٺي هيس."
اُن شام جو ٻاهر اڱڻ ۾ ڪُرسيءَ تي ويٺل، سگريٽ هٿ ۾. ذهن ۾ ڪو
فيصلو نسرين بابت. "تہ هُن مان جان ڪيئن ڇڏائجي."
سامهون هيٺ پٽ تي ويٺل نسرين، مٽي کي ٺٺي هڻندڙ، ٺٺيءَ ۾ اٽڪيل جونئن
کي ماريندي، اڪبر ڏانهن نگاهہ ڪيائين.
"توکان هڪ ڳالهہ پُڇان" نسرين جو ٿتل ٿتل آواز.
"ڪهڙي؟" وات مان ڪوڪلو لفظ نڪتل.
"تہ تون آخر مون کان ايترو خفا ڇو آهين."
"بس!" ڪو بہ جواب نہ سُجهيو.
"تڏهن بہ؟" زور ڳالهہ پڇڻ لاءِ.
ڪو بہ جواب نہ ڏنائين، اندر ڪمري ۾ گهڙي ويو، ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳو.
نسرين ڏانهنس ٻاهران ڏسندي رهي.
ڪتاب اکين اڳيان ٽنگيل پر پاڻ هڪ بہ لفظ پڙهي نہ سگهيو هو، ذهن جي چار
۾ ڪا ڳالهہ وچڙيل، وهم! تہ اِئين نہ ٿيندو، شايد ٿي بہ وڃي، پوءِ تہ ڏاڍي خواري ٿيندي.
هڪ خيال:
"مسٽر اڪبر ٻڌو اٿئون تہ اوهان جي زال.........."
"ها ها منهنجي زال....... واقعي ڀڄي وئي آهي، اُن ٻجليءَ واري سان هيو
ڪو سوال.......؟"
"معاف ڪجو مون هرو ڀرو؟!!"
"معاف ڇا جو، هرويرو ڇو..... اوهان کي پورو حق آهي اِئين ڇوڻ جو؟"
"هڪ ڳالهہ ڇوان مسٽر اڪبر !؟"
"ها، ها، ڇئو"
"مسٽر اڪبر اوهان تہ صفا بي غيرت آهيو، اوهان کي تہ ڪو پنهنجي عزت جو
خيال ئي ڪونهي، اوهان جي زال ڀڄي ويئي آهي ۽ اوهان تي ڪو اثر بہ نہ ٿيو آهي، ها
شايد اوهان انهيءَ مسئلي جي ڪري چريا ٿي ويا آهيو!!"
"چريو" "چريو" چريو"
ڪنڌ کي ڌوڻ، نہ نہ اِيئن نہ ٿيندو ۽ نہ ئي آئون چريو ٿيندس، ڪتاب هٿ مان
ڇڏائجي هيٺ ڪريل، مٽي تي ٻئي هٿ، ويچارن ۾ لٽڪيل پيڙا مِن اندر ۾. لاچار ۽ بي
وس ٿي سمجهيائين پنهنجو پاڻ کي.
"نسرين ڪو بار تہ ناهي مون تي ۽ هوءَ ڪيڏو ٿي چاهي مون کي ۽ آئون ڇو هن
سان اهو سلوڪ ٿو ڪيان، انهيءَ سلوڪ جي ڪري متان مرڳوئي هوءَ سچي ڀچي ڀڄي نہ
وڃي، هُن ذليل ٻجليءَ واري سان.
سامهون نسرين بيٺل، ماني هٿ ۾، چهرو لٿل، وار وکريل، اڪبر جي اڳيان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ سوچ، هڪ حقيقت پنهنجو پاڻ باسجندڙ اُهو شخص جنهن جي منزل نہ هجي، سندس وجود گم ٿي ويو هجي، ڪنهن اڻ ڄاتي ويراني ۾، ۽ هو ڀٽڪندو رهندو هُجي. اُها بہ خبر نہ تہ ڪهڙي منزل آهي سندس، شايد ڪابہ تہ نہ...

رات جو طويل سفر، ختم نہ ٿيندڙ، رات ڪڏهن ختم ٿيندي، هان؛ پيو گهُٽجي، ساهہ جو زور سان ڪشڻ.

"زندگي ڇا آهي؟ ڪهڙو فائدو آهي زندگيءَ جو، ڇا ڏنو آهي زندگي مون کي، ڪُجهہ بہ تہ نہ، ۽ نہ ٿي ڪجهہ مليو آهي هن زندگيءَ مان."

صرف سوچن جي رڻ ۾ اڪيلو انسان آهي پاڻ.

رات ڇا ٿي، ننڊ جا پکي هوريان هوريان لهندڙ اکين ۾، ٿڪاوٽ ۽ ٿڪاوٽ جو ڀرپور احساس.

۽ ننڊ جي ياڪرن ۾ پاڻ! ●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هستي جا ٽنل ٽڪرا

**هر روز** جيان شام ٽائي پيرن ۾ ٽڪ جو زنجيرون وجهي واپس وريو آهي آفيس کان، سڄو سارو ڏينهن ڪم. بدن ٿڪل، اکيون ڳريون، هلڻ جي پڄي نه، قدم وچڙن پيا، گاڏين جو ايندڙ ويندڙ تيز وهڪرو، لڙهڻ کان پاڻ بچائيندو، ٿڪل قدم ڪڙندو گهڙي ٿو گهٽيءَ ۾، ٻار ڪيڏن پيا گهٽيءَ ۾ ڪرڪيٽ راند، پاڻ پاسو ڏيئي لنگهندڙ. قدم رکي ٿو سيڙهيءَ تي، ٽڪڙو جسم کي پيرن جي زور سان گهلي ٿو مٿي ۽ ٻيءَ پل پاڻ بيٺل پنهنجي ڪمري جي اڳيان. روز جو معمول، ساڳيو ٽائيم، ساڳيو ٿڪ ۽ نستائي.

سامهون واري فليٽ جي در جو چيڪاٽ، جهٽڪي سان ڪنڊ جو ڦرڻ، سامهون تجلو مُرڪ جو، سندس ڪنڌ وري واپس جهٽڪي سان هيٺ، جلديءَ ۾ گهڙڻ اندر ڪمري ۾، اکين اڳيان نچندڙ اها ساڳئي ننگي مُرڪ ۽ خوشبو ساهن جي، پر احساس ڪُجهه به نه ڪري سگهڻ جو، بوٽن سوڌو ڦهڪو ڪري ڪري ٿو پوي بستري تي، اکيون ڦيرائي ٿو چوڌطرف ڪمري ۾. مٿي ۾ سور جون سٽون، آفيس ۾ سڄو سارو ڏينهن ڪم، فائيلن جا ڍير، ٽائيپ رائيٽر جي ٽڪ ٽڪ، آڱرين جو رقص ۽ پوءِ واپس بس ۾ چڙهڻ، ماڻهن جي پيهه، بس مان لهڻ، واپس ڪمري ۾، دُنيا جهان کان ڪٽيل هستي، ڪابه خواهش نه ڪابه اُميد نه، ۽ نه ڪنهن روشن صبح جو انتظار محسوس ٿو ڪري،

پيٽ خالي. نستو بدن ۽ بک، اٿي ٿو ماني کائڻ لئه. ٻاهر هوٽل ڏانهن رخ، پنهنجي مخصوص جڳهه تي ويهي ٿو، دال مانيءَ جو آرڊر، ٽڪڙو کائڻ ٿو لڳي ماني، منٽن ۾ ٿانءَ خالي، پيٽ پرجي ويلُ، ٻاهر نڪرڻ، بل پندرنهن روپيه.

مهانگائي، اڻ پورت، وڏي خاندان لئه، پر پاڻ ته اڪيلو، ڳوٺ کان پري مائٽن کان دور، چاهيندي به ڳوٺ وڃي نه سگهڻ.

واپس پنهنجي ڪمري ۾، سيني فليٽن ۾ روشني رقص ڪندڙ، انڌيري جو سندس ڪمري تي قبضو! نگاهه دريءَ ۾، چنڊ نظر ايندڙ، سسي ڪڏي بيٺو آهي وڏين وڏين عمارتن جي پٺيان، نظرون اٽڪيل چنڊ ۾، گهڻن ڏينهن کان پوءِ چنڊ کي ڏسڻ، سڀ ڪو بي خبر چنڊ کان روشنين جي شهر ۾. محسوس ٿو ڪري دريءَ جي شيخن پويان چنڊ کي قيدي، روئي پيو دري جي شيخن ۾ هٿ وجهي، هٿ ڪڄيل مٿي، بلب آن ٿو ڪري، بلب ۾ ڪري ٿي هيڊي هيڊي روشني، انڌيو روشنيءَ کي ڏسندي ئي پڇي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بد حواس ٿي ويل ماڻهو!

**ڪھو** جي چانئٺ وٽ خوف سندس پير پڪڙي تو وٺي، ۽ پاڻ زوري خوف کان پير ڇڏائي ڀڄڻ ٿو چاهي، پر خوف پيرن کي ڇڏي، سندس بدن کي ٿو چُھٽي، ۽ ڏند ڪڍي ڪيس ڏاڙهڻ ٿو لڳي. سور کان رڙ نڪتل ۽ بدحواس ٿي ويل، واپس گهر اندر ٿو گهڙي، ڪلهوڪو واقعو اکين اڳيان ڦرندڙ ۽ ٻولاٽيون ڪائيندڙ. ها، ڪلھہ وچ شهر ۾. هڪ ويندڙ همراھہ کي سيني ۾ گولي لڳي. ٺڪاءُ، هراس ڦڪڙجي ويو. همراھہ ڪريل هيٺ، لهوءَ ۾ لت پت. ڳاڙهو ٿي ويل، ۽ قاتل فرار. لاش کي ڏسي سگهڻ جي همٿ نہ ٽيس، پر، پوءِ بہ نگاھہ ڪيائين. نوجوان ڇيرو، بوسڪي جا ڪپڙا پاتل، رت سان ڀريل، هٿن تي ميندي رڱيل، نئون گهوٽ هو شايد، ۽ سيني مان رت ڦوهارا ڪري وهندڙ. رت گرم گرم رت، ۽ پوءِ سڄي رات اکين اڳيان ڦرندڙ لاش!

رت ۾ لت پت لاش.

رت نڪرندڙ سيني مان!

اکين ۾ اڃان جيئڻ جي آرزو.

۽ پوءِ موت، اکيون ٽاٽل، ڪنڌ ڍرڪيل، ماڻهن جو ميڙو، ڪيس ڪو وهم ٿو ويهي رهي تہ ڪو ڪيس ماري ڇڏيندو، ۽ ڪلھہ بہ تہ سندس اڳيان قتل ٿيو هو ۽ اها گولي ڪيس بہ لڳي سگهي ٿي.

زال ڏانهن نهاريندي ڪجھہ چوڻ ٿو چاهي، پر خوف کان زبان ڇڏائيندي سندس زبان ڇنجي ٿي پوي. زالهنس کي ڪجھہ بہ نٿو چئي ۽ پاڻ گهر مان ٻاهر ٿو نڪري اچي. دل ڌڙڪي پئي، قدم لڙکڙائين پيا، زنجيرون پيرن ۾ پيل ۽ ڪنن ۾ خوف جون گهنڊڙيون.

هلندي هلندي لوڻو ٿو ٿيرائي تہ ڪو اچي تہ ڪونہ پيو. منهنجو قاتل، منهنجو دشمن.

پر پاڻ تہ اڄ تائين ڪنهن سان وڙهيو بہ ناهي، پوءِ ڇاجو قاتل ڇاجو دُشمن.

پر هي هيترا ماڻهو مرن پيا روز، ڇا سڀني جون ڪنهن سان دشمنيون هونديون!

اخبار پڙهڻ لاءِ ۽ چانھہ پيئڻ لئہ گهڙي ٿو هوٽل ۾...... ڪرسيءَ تي ويهي ٿو. اڳيان ٽيبل تي اخبار پيل. اخبار جا اکر رحم جوڳين نظرن سان ڏانهنس نهاريندڙ. ڪارن اکرن مان رت پيو ٽمي، اخبار کي ٽنگي ٿو اکين اڳيان، چٽيل چٽيل لفظ. جي ڪيترا ڄڻا پڙهي ويا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺهو......." ياٺهنس کي وکوڙي ويو هو ڪاوڙ جو طوفان، "اڙي هي تنهنجو پلاٽ آهي چا، اڙي هي منهنجو آهي، زال جي چوڻ تي وڙهڻ آيو آهين، دلا، جوءِ جا مڇو......."

"ادا.... ادا.... آئون ائين تہ ڪونہ ٿو چوان، مون تہ سنئين سڌي ڳالهہ ڪئي آهي."

"سنئين سڌي ڳالهہ جا پٽ...... هاڻ ٺر، متان هٿانءِ نہ سر مغز واري ۽ ڪيڏانءِ نہ ميڇالو."

ڏپ جا پکي ڦرڙاٽ ڪندي. "نہ، ادا کي وري ڪونہ ٿو چوان، هٿي ماري وجهندو، هرويرو جو پنجن فوٽن جي ڪري پاڻ کي مارائي وجهان.

بازار ۾ هلندي هلندي...... جنهن جڳهہ تي قتل ٿيو هو. بيهي ٿو رهي، نگاهون ڪيپل هيٺ پٽ تي. ڪلهوڪو رت جمي ويو، داغ، رت ٽڙيل پکڙيل، جمي ويل رت ۾ وري نگاهہ، سندس اکين ۾ بہ جمي ٿو وڃي رت.

ائين ٿو لڳيس، اهو سندس ئي رت آهي، ڪلهہ پاڻ ئي قتل ٿيو هو، اڄهو وري هينئر بہ پاڻ ئي قتل ٿيندو ۽ ڪلهوڪو عذاب وري سهندو.

"نہ، آئون مرڳوئي وڃان ٿو هتان، هي نياڳي جڳهہ آهي، هن جڳهہ تي سدائين نياڳ وسندو آهي، هتي سدائين جهيڙا ٿيندا آهن."

تڪڙو تڪڙو، تيز تيز ڏڪندو ڊوڙندو اڳيان ايندڙن سان ٽڪرائجي ٿو.

"او يارو، معاف ڪجو!" انهن کي ڏسڻ کان سواءِ وات مان نڪتل لفظ.

"معاف وري چا جو ميان! هڪڙو تہ ڌڪ هڻين ۽ ٻيو وري معاف بہ اسان ڪريون."

ڏپ جي لهر ڊوڙي ويل جسم ۾، محسوس ٿو ٿئيس بس اڄهو هي سڀ هاڻي ئي ڪيس ماري ڇڏيندا. نگاهہ مٿي ٿو ڪري، سامهون مسڪرائين پيا. سجاد، آصف ۽ الطاف.

"او........ اوهان." وات مان خوشي گاڏڙ نڪتل لفظ.

"ها، اسان، خير تہ آهي تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن ڀڳو پئي وڃين"

سجاد جون نگاهون سندس خوف ۾ گهير جي ويل چهري ڏانهن. هيڏانهن هوڏانهن نگاهہ ڪندي رازداريءَ ۾ چوي ٿو، "اوهان کي خبر آهي، تہ ڪو مون کي ماري ڇڏيندو، يارو، پليز! مون کي بچايو ان قاتل کان، يارو، پليز....."

"ڪير ماريندو توکي؟" آصف جي آواز ۾ ڏپ پريل.

"الائي ڪير؟ پر آئون سمجهان ٿو ڪوئي ضرور مون کي ماريندو!"

ٽنهي جو گڏيل "ٺهڪ. ها ها ها.....' ک ک ک...ک ک ک....." پاڻ حيرت جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي، "يارو سچ، اهو مذاق ناهي."

"اڙي چريو ٿيو آهي چريو، اڙي ڇڏ ڪٿي اتهيءَ چرين کي. هليا الطاف جي اوطاق ۾ هلون، وي سي آر جو پروگرام ڪيو اٿئون، هلي کي فلمون ڏسو مزي واريون." آصف ڪيس ٻانهن مان جهلي چوي ٿو.

رات جو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بستري تي ليٽيو پيو آهي، لوچ پوچ، بيچيني، بيقراري، ننڊ اکين جي پنبڻين ۾ اٽڪيل، اندر گهڙڻ جي ڀرپور ڪوشش، پر سندس چوڌاري ڦرندڙ خوف.

ننڊ کي اندر گهڙڻ نه ٿو ڏي، بستري تي پاسا ورائڻ، ڪڏهن چيڪٽ، ڪڏهن ٻه دانهون پئي ڪري، رڙيون، واويلائون.

ڪنڌ جي هيٺان ٻانهن ٿو رکي. اکيون اٽڪيل دريءَ جي ٻاهران ٻرندڙ بلب ۾. سوچن جو لشڪر ڊوڙندو اچي، ذهن جي دري کولي ويهي ٿو رهي. اکيون بند. انسان، انسان جو قاتل! ويري دشمن!

روز ڪيترا قتل ٿا ٿين ۽ روز ڪيترا انسان جنم ٿا وٺن!

روز ڪيترا ٿا مرن ۽ ماريا وڃن!

روز ڪيترا ٿا بکيا رهن!

روز ڪيترا ٿا خوش رهن!

روز ڪيترين نارين جون عزتون ٿيون لٽجن!

روز ڪيترا ٿا اذيتون برداشت ڪن، عذاب گهرن ۾، جيلن ۾ ۽ پنهنجن گهرن ۾!

او! ڇو آهن جيل خانا ۽ عذاب گهر!؟

ٽاڻا! هتي ته وڏ ڪان وڏ ظلم ٽاڻن تي ٿيندو آهي. ٻي ڏوهي سوگها ۽ ڏوهي آزاد! آزاد فضائن ۾ گهمندڙ ڦرندڙ.

چوڌاري انڌيرو، چوريون، ڦرون، ڌاڙا ۽ اغوائون، ڪوبه سلامت ناهي، هر ڪنهن کي پنهنجي ساهه جي. پر جيڪي ڦرون ڪن ٿا، اغوا ڪن ٿا ۽ قتل ڪن ٿا، تن کي ڇا آهي؟

انسان ڪيتري ترقي ڪئي آهي، صرف تباهيءَ لئه، ها صرف تباهيءَ لئه! هٿيار، هٿيارن جا ڍير. ڪلاشنڪوف، رائيفل، مائوزر، بم کان وٺندي ائٽم بم! پل ۾ ناس، ختم انساني زندگيون! ڪٿي آهي امن امان؟

ڪٿي به نه، ڪٿي به نه! انسان ، انسان جي رت جو پياسو! پر ڪو مون کي ماري ڇڏيندو.

الا! ڪو مون کي ماري ڇڏيندو.

ڊپ، رڙيون، رلي ڇڪي مٿان ٿائي ٿو.

اکين اڳيان ڦرندڙ، انساني لاشن جا انبار.

لاشن جي اکين ۾ جيئڻ جون تمنائون.

لاش، لاش، رڳو لاش!

هر هنڌ نفرت جو راڄ، قتل عام، هر گهٽي، چوواٽو، رت سان رڱيل.

انسان ئي قتل ٿيندڙ ۽ انسان ئي قاتل. انسان قاتل، انسان جا احساس قاتل، جذبا قاتل، محبتون قاتل، نفرتون قاتل ۽ قلم به قاتل! قلم مان مس جي بدران رت ٽمندڙ، هتي راڄ آهي قاتلن جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري وٺنداسين، آئون ڪنهن ڪان مشورو وٺي ايندس.

وري سامهون ساحر ڏانهن نگاهون، چانهه پيو پئي، پنهنجي پراڻي عادت مطابق مٿي نهاري ڪندو اشارو چانهه پيئڻ لاءِ، پوءِ چانهه پي ايندو گهر. امان بابا ۽ اختر سان ملي سگريٽ هٿ ۾ جهلي دونهين جا ڇلا ناهيندو! ايندو مٿي مون وٽ ۽ دونهان هٽندو منهنجي منهن ۾!

"پر اهو ساحر ته ناهي، ڪير آهي هو. وسوسن ۾ الجهيل. هي شايد بيو ڪو آهي آئون پڪلجي ويس شايد!"

"ساحر تون شايد هاڻي ڪڏهن به نه اچين. مٿي آسمان ڏانهن نگاهه. آسمان ڍڪيل ڪڪرن سان، وشال آسمان ۾ ٻوڙن پيا ڪڪرن جيان سندس خواب، بي رنگ. چاهي ٿي دريءَ مان ٽپو ڏيئي اڏامي وڃي پکي بڻجي سمنڊ مٿان، اڏامندي اڏامندي..........۽ پوءِ ڪري پوي سمنڊ ۾."

"ڪاش پر لڳل هجن ها جيڪر.........."

قدمن جو کڙڪو مٿي سيڙهي تان ايندڙ ڪو، سامهون بيٺل مائهنس.

"سحر پٽ اڄ اسڪول ڪونه وئين ڇو. هيڊ ماسترياڻيءَ فون ڪئي ته ڇو اڄ سحر ڊيوٽي تي ڪونه آئي ۽ نه ئي ڪا درخواست موڪليائين."

"اڙي ها! اسڪول ڪونه ويس! پر هاڻي ڇا وڃي ڪنديس! ٻارنهن ٿيا ٿين!"

مائهس ڏانهن نهاري ۽ لهي ٿي وڃي هيٺ.

اسڪول ايندي يا ويندي.

شهر جا ڇوڪرا اسڪول جي گيٽ تي بيٺل، پندرنهن ويهن سالن جي عمر، چيونگم وات ۾! وار وڌا. نگاهون ڏانهنس، اشارا، سيٽيون، فلمي گانا. فلمن جا هيراڪ سائٽس رومانس جي چڪر ۾.....

ٺيڪ آهي نه ويس، روز ڦاسيو وڃان انهن فلمي هيرن جهڙن ڇوڪرن مان. ذهن وري گوشت ڏانهن مائل.

چوڌاري ڪمري ۾ گوشت، رڳو گوشت، بيڊ، در، دريون، ڇت، پنکو پاڻ به گوشت، پاڻ اتڪي پئي آهي گوشت جي وچ ۾!!

اگ ۾ جڏهن ساحر هوندو هو ته گوشت جو ڪو به خيال ڪونه هوندو هوس.

"ساحر! او ساحر....." وڏو ذليل هو! ڪميڻو.........! ڇهري تي ڪرب جا نشان. اڙي وري آيوئي ڪين، مون کي گوشت جي حوالي ڪري.

ساروڻو: ساحر سندس دوست، سندس ڪلاس فيلو، سندس مامي جو پٽ، اڪثر سندن گهر ايندو رهندو هو. پاڻ ليکڪ هو ۽ ڪهاڻيون لکندو هو، مايوسين ۽ محرومين جون، پاڻ مبتلا هو جنسي فرسٽريشن ۾. ڪڏهن ڪيس سمجهي نه سگهندي هئي، پاڻ جڻ ڳوناڻي اڻ پڙهيل ڇوڪري هئي ۽ ساحر هن لاءِ تجريدي آرٽ! جنهن کي هن صرف پنهنجي تي ليڪا نڪتل سمجهيو هو. ساحر سدائين ماٺ ۾. اندر ۾ جڻ ڪو درد جو دريا ٿي وهيس، جنهن ۾ پيو ٻڏندو هو. پاڻ به ۽ هيءَ به.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساموهون پيل شيلف ۾ ساحر جي ڪهاڻين جو ڪتاب. ڪٿي ٽي وٺي ۽ اُٿلائي پٿلائي ٿي. ڪتاب اندر هاريل لفظ مايوسين، محرومين ۽ اڻ پورين محبتن جا.

سحر!

ساحر ڪيس چوندو هو.

"سحر مون سان ڪنهن به محبت ناهي ڪئي. ۽ تون به الائي مون سان محبت ڪرين ٿي يا صرف...."

سندس ذهن ۾ ٻوڙن پيا ساحر جا لفظ.

سارونا، ڪاوڙ، لڙڪ، ۽ لڙڪن ۾ ترڪي پئي پاڻ.

سيڙهيءَ تان قدمن جو ڪڙڪو. ڪو مٿي اچي پيو. نگاهه کُپيل در ۾. نوڪرياڻي بيٺي آهي. ماني ٽيبل تي رکي لهي ٿي وڃي هيٺ. ڏسي ٿي مانيءَ کي. ڪڏهن به گهر جي ڀاتين سان ماني نه ڪائيندي آهي. سدائين اڪيلي، پنهنجي ڪمري ۾. اڪيلائپ واري زندگي ، ساحر ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن سان گهٽو ڳالهائيندي به ڪين آهي. گهٽو ڳالهائيندي ڪرب محسوس ٿيندو آهيس. ماني ڪائڻ لاءِ وهي ٿي ڪُرسي تي.

گرهه وات ۾ وجهندي نهاري ٿي گوشت جي پليٽ تي. گوشت جي ٻوٽين پريل پليٽ ۾، ڇهري ٿي پڪڙيل ڪاوڙ ڪرب، هٿ ڏڪن ٿا. نه نه آئون گوشت نه ڪائيندس. اُبڙڪو، گرهه جو ڪائي ويٺي هٿي سو واپس ٻاهر نڪتل، گوشت ڪان نفرت ۽ اُن گوشت ڪان به نفرت جو پيو آهي سندس ڪرب ۾، جو وڌي رهيو آهي.

وري نگاهه. گوشت، گوشت جي پليٽ هٿ ۾. نڪا هيٺ ٿي اُڇلائي ۽ سڄي ڪمري ۾ ٽڙيل پکڙيل........

نفرت مان نهاري ٿي ساموهون آرسيءَ ۾، نفرت پاڻ ڪان ۽ ڪرب ۾ وڌندڙ گوشت ڪان.... يڪ ٽڪ نهار آرسيءَ ۾ چهرو مرجهايل ۽ هاريل رنگ، وري نهار وڌيل ڪرب ڏانهن.

ساحر جي ياد، ٽڙڪو بدن ۾. بي وسي لاچاري!

ساحر جي صورت اکين ۾، اکين ۾ وحشت، نفرت، ڳاڙهو منهن، اوڪاري سان گڏ الٽي ٿي ڪري، مٿي ۾ ڦيري سڀ ڪجهه ڦرندو محسوس ٿئيس ٿو. ۽ اکين ۾ نفرت پري ٻئي هٿ پيٽ تي رکي رڙ ٿي ڪري ذليل، ڪميڻو.....! •



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شهر جا ٻيا ماڻهو خدا ٿا بڻجڻ چاهين. هن شهر جا، شهر جي ماڻهن جو موت ۽ زندگي سندن وس ۾ ڪرڻ چاهين ٿا (۽ هينئر آهي به سندن هٿ ۾!) هو خوف، هراس جو طوفان پکيڙين پيا، زندگي ۽ موت جو ريموٽ ڪنٽرول سندن هٿ ۾ آهي، صرف بٽڻ دٻائڻ سان ڪٽي ٻه گوليون هلي سگهن ٿيون، ڇرا سينا ڦاڙي سگهن ٿا ۽ بم ڌماڪا ڪري سگهن ٿا.

هڪ رات اينئن شهر ۾ گهمندي ڦرندي گهڙيو شهر جي سوڙهين گهٽين ۾. اندي گهٽي، گهگهه اوندهه، اکيون ڦاڙي هلندڙ پاڻ، اگهاڙيون نظرون، ڪجهه به نه پسندڙ، سناٽو، سانت ڦهليل، صرف ٺڪ ٺڪ قدمن جي، سندس ۽ سندس اڳيان ڏهه فٽ پري ويندڙ همراهه جي.

ان ويل ڏٺائين همراهه جي اڳيان گهگهه اوندهه ۾ چمڪندڙ تيز چرو، اوندهه ۾ تجلو اوچتو وري اوندهه ۾ گم ٿي ويو.

قدمن جي ٺڙڪ بند، سندس اڳيان ويندڙ همراهه جي تيز رڙ.......

الا........ ۽ وري موت سندس پٺيان ڊڪندڙ، پاڻ واپس وري ڀڳو هو. تيز تيز پنهنجي گهر پهچڻ تائين ساهه مان ڀرجي ويو هو، ٽڪرائجي ويس مٿو گهر جي ٻاهرين در ۾، ۽ انيڪ پل اينئن بدحواس ٿيو بيٺو رهيو.

•

چار ڏينهن اڳ جي ياد.

جنهن ڪرسي تي هينئر ويٺو آهي پاڻ، ويٺل هو، سندس دوست ۽ پڻ سامهون واري ڪرسيءَ تي.

"آدم ڇا ماڻهوءَ جي رت جي ذائقو مٺو هوندو آهي، جو هڪ ٻئي جو رت پيا وهائين." گهڙي دير خاموش رهندي چيو هٿائين: "شايد مٺو هجي مون کي خبر ناهي........ ۽ رهي ڳالهه رت وهائڻ جي سو هي سڀ ڪجهه نيڪ پيو ٿئي منهنجي خيال ۾!"

"ڇا پيو نيڪ ٿئي تنهنجي خيال ۾!" اٿيو ڪرسيءَ تان، بيٺو دريءَ وٽ، نهاريائين هيٺ، سنسان روڊ تي، صرف ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو لنگهندڙ خوف ۽ هراس سندن چهرن تي ٽنگيل.

"اهوئي ته آبادي گهٽجي پئي........ هي جهيڙا ٿين، اها سٺي ڳالهه آهي، ماڻهو مرندا ته آبادي گهٽبي، مسئلا گهٽبا، انسان بک وگهي نه مرندا روزگار لئه ذليل ۽ خوار به نه ٿيندا."

"۽ جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته الائي ڇا ٿي ويندو؟"

"آبادي وڌڻ سان انسان حالتن هٿان ذليل خوار ٿي بک مرندو. هيءَ خوراڪ پوري نه ٿيندي، انسان وحشي جانور ٿي پوندو. بک ۾ هڪ ٻئي جو گوشت پٽي کائيندا، ان کان بهتر آهي ته هو پاڻ ۾ وڙهي، اهڙين حالتن ٿيڻ کان اڳ ڌرتيءَ تان پنهنجو بار ختم ڪن."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي هينان، ٻٽي ڏينهن ماڻهن جي سس پس شروع، نظرون گهر جي در ۾ کتل. منهن ڦيرڻ، هن ڪان، نفرت ڀريون نگاهون، هي پاڻ کي بچائيندو رهيو ماڻهن جي نظرن کان.

لڪڻ،

ڀڄڻ،

لوڙو نه ڦيرڻ

تڏهن به نظرن جو پيڇو، ۽ اکين ۾ شڪ تهائين وڌندڙ.

۽ ٻي رات به افشان آئي، صبح سان در تي کڙڪو، بينل هڪ همراهه وڏي ڏاڙهي وارو "ڇورا ماڻهين پٺهين جي مرڻ ڪانپوءِ اچي مستين ۾ پيو آهين، روز ٻٽي ڏينهن ويهاريو ويٺو آهين ڇوويءَ کي، هي شريفن جو پاڙو آهي، هتي تنهنجون اهي مستيون ڪونه هلنديون".

"چاچا هوءَ منهنجي دوست آهي، اسان جو اهڙو خراب ڪو به واسطو ڪونهي، اوهان هرويرو پيا غلط سمجهو ۽ هي منهنجو گهر آهي، آئون ڇا به ڪريان، نچان ڪڏان ٽپان، تنهن ۾ اوهان پاڙي وارن جو ڇا؟ ڇا آئون اوهان کي شريف نه ٿو لڳان، لوفر ٿو لڳان."

"ڪهڙي بڪ بڪ پيو ڪرين، اسين ڪُڇون ڪونه ٿا ته تون وڌندو وڃين، آئينده سنيالي قدم کڻجان ۽ نه ته مون جهڙو ڪونه خراب نه ٿيندو".

"چاچا! چاچا توکي ڪير ٿو ڇوي تون خراب ٿي، تون ٻلي سنو تي هل ۽ قدم ته آئون سنيالي کڻندو آهيان، هيستائين ڪڏهن به ڏک نه آيو اٿم، تون ڪيئن ٿو چوين ته آئون غلط قدم ٿو کڻان".

ان شخص جو منهن ئي ڦري ويو، ڪاوڙ مان ڳاڙهو، ڏاڙهي ٿڙڪيس پئي.

"نيڪ آهي تو جيڏا ٿينداسين!"

پر ٿيو ڪجهه به ڪين.

•

ڪمري ۾ ٻري پيو زيرو بلب، اوندهه جا هلڪا ته پکڙيل ڪمري ۾ ۽ سندس ڇهري تي به هلڪا ته ڊپ جا.

ڊپ، ڪو اچي نه وڃي.

پر هاڻي ڪوبه اُلڪو نه، ڇو ته ٻاهرين در کي ڪلف لڳل آهي ۽ هن ڪمري کي ڪنڊي.

ٽيبل تي پيل تصوير ۾ اٽڪي ٿي سندس نگاهه.

هڪ سهڻي نوجوان جي تصوير، وڏين اکين ۽ سهڻين ڇپرن وارو، ٺاءِ لٽڪندڙ ڳچيءَ ۾، ٻنهي چپن جي وچ ۾ ٽڙندڙ مرڪ، تصوير جي هينان لکيل سندس نالو.

"او اهو آئون آهيان ايترو خوبصورت، سهڻو ۽ حسين." ناز پنهنجي حسن تي، شرمائڻ شرميلي ڇوڪريءَ جهڙو.

وري ٽهلي ٿو ڪمري ۾، سڪ نه ايندڙ، پاڻ رولاڪ، شهر جي رستن جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امن تي ويو آهي.
امن تي ويو آهي.
ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهون روڊن تي نڪري ٿا اچن، هڪ ٻه ٽي ۽ پوءِ ڪافي ماڻهون، سيني جي چهرن تي خوشي امن جي، ڊوڙندا رهن ٿا، هن سان گڏ ۽ چوندا رهن ٿا، "امن تي ويو آهي. امن تي ويو آهي." پر ان مهل اوچتو گولين جو مينهن وسي ٿو، وري مڪروهه ٺهڪ ڪلاشنڪوف جي نڙي ڦاڙي نڪرن ٿا.
رستن تي ماڻهو ڪرندا رهن ٿا.
رت مان رڱجي وڃن ٿا رستا شهر جا.
ماڻهن جون دانهو ڪوڪون ٿين ٿيون، پر تڏهن به هي ڊوڙندو ٿو رهي ۽ چوندو ٿو رهي.
"امن تي ويو آهي.
امن تي ويو آهي." •

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪتو پونڪي ٿو

پونڪ ڪُتي جي، زور سان پونڪ، پٺون پٺون پٺون ۽ پونڪندو ئي رهڻ ڪُتي جو.

پل اَپلَ لئہ گهبراهٽ، هلندي ئي لوٺي ڦيرڻ، پٺيان تيز تيز ڊوڙي اِيندڙ اچو ڪُتو، اچي گگ ڳڙندڙ ڪُتي جي وات مان، ۽ رومڙ هن ڏانهن ...

ڊجي وڃڻ، گهبرائڻ، چهري تي قطرا پگهر جا، اُگهڻ پگهر هٿ جي تري سان، ويچارو. لگَ لگَ ڏڪڻ، پيچڻ لئہ وڪون تڪڙيون تڪڙيون. چتو ڪُتو، چتي ڪُتي جو چڪ، چتي ڪُتي وانگر چتو ٿي مرڻ، گگون ڳاڙهي ڳاڙهي، پونڪي پونڪي يا داخل اسپتال ۾.

اکيون پوري ڇڏڻ، ۽ وري جلديءَ ۾ کولڻ اکيون، لوٺو ڦيرڻ، ڪُتو ساڳي رفتار سان ڊُڪي اِيندڙ. سندس قدم تڪڙا تڪڙا، گم ٿي وڃڻ، ماڻهن جي ميڙ ۾، شهر پريل ماڻهن سان، اِيندڙ ويندڙ ماڻهو، بيٺل ماڻهو، ويٺل ماڻهو، سُڃاتو ماڻهو، اڻ سُڃاتو ماڻهو، تحفظ جو احساس، جاڳيل، لوٺو ڦيري ڏسڻ، پُٺيانس اچو ڪُتو گم، پر پوءِ بہ وري نگاهون ڊوڙندڙ ڪُتي جيان، ڪُتي ڏانهن، پر ڪُتو گم، نگاهن جي اڳيان رڳو ماڻهو ئي ماڻهو، ماڻهو بہ سڀ ڪُتا، لوسي ڪُتا، خونخوار ڪُتا، پونڪندڙ ڪُتا، " ۽ انهن سان گڏ، آئون بہ شايد ڪُتو آهيان، پر پونڪان نہ ٿو، ها لوسي ڪُتو آهيان." لوسي ڪُتو ٿي وڃجي، هر خفي ڪان آجو، صرف پُڇ لٽڪائيندڙ، يا خونخوار ڏاڙهيندڙ، ويڙهو ڪُتو ٿي وڃجي، هرهڪ ڪي خوف ڏاڙهيندڙ ڪُتي ڪان، پر پوءِ بہ تڏهن مالڪ جو پُڇ لٽڪائوڳچيءَ ۾ زنجير، مالڪ جي هڪل جو انتظار، لوسي ڪُتي ڪان بہ بدتر زندگي، ذليل پٽي جو احساس، ڪُتو محسوس ڪرڻ پاڻ کي هر هڪ جي اڳيان!

•

سندس دوست ظفر جي ميڊيڪل اسٽور ۾ ويٺل.

ظفر جي مٿي تي ٽوپي، تازو مٿو ڪوڙايل، تجربيگاهہ نگاهون، هٿ جون اُچلون، ڳالهائڻ تہ ٻئي کي وارو نہ ڏيڻ، دانشوراڻا ٻول.

پر پاڻ ويٺل موڳو موڳو، پريشانين جي پيڇري ۾ ڦاٿل.

ظفر تڪل ڳالهائيندي ڳالهائيندي، زبان سهڪندڙ ۽ نهارڻ هن ڏانهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

" ها پڇڻ کپي تڪڙو تڪڙو گهر ڏانهن."
پاڻ بيٺل، سامهون ڪُتو بہ بيٺل، ڏسندڙ هڪ ٻئي کي،
"نہ نہ ڪُتو مون کي چڪ ڪونہ هڻندو، هرويرو اِهو وهم اٿم."
وري ڇرڪجي وڃڻ، پڪ سان، اوچتو چڪ هڻندم، ماڻهوءَ وانگر لڪي لڪي، جيئن ماڻهو بہ لڪي وڙهندا آهن.
محفوظ.......... غير محفوظ سمجهڻ پاڻ کي!
بيهڻ لاڳيتو بيهڻ ۽ پوءِ اوچتو ڊوڙي پوڻ.
ماڻهن جي اکين ۾ اٽڪيل پاڻ، ماڻهو شهر جا حيران.
"هن کي ڇا ٿي ويو آهي"؟
"هي اِئين وري ڪيئن ٿيو؟"
ڊوڙندي ڊوڙندي بيهي رهڻ، "نہ ڪُجھ بہ تہ ناهي، ڪُتو چڪ نہ هڻندم!"
وري بہ ڊپ ڪتڪتاڙيون ڪندڙ "ڪُتو چڪ هڻندم!"
نگاهون ڪچل ماڻهن ڏانهن، سڄاڻُ ماڻهو ڏانهس تڪيندڙ، گهوريندڙ.
"هي چو پيا مون ۾ گهورين؟"
" ڇا ڪيو آهي مون؟"
ماڻهو نهاريندڙ گهوري گهوري، سس پُس، ڪن ۽ وات ٿوري وٿيءَ تي.
"چريو تہ نہ پيا سمجهن مونکي ياڪين خبر پئجي ويئي آهي تہ آئون ڊڄي ويو آهيان ڪُتي کان، هو کلن پيا مون تان."
"ڪنهن کي سڏ ڪريان، او هن ٿُلهي ڪاري رمضان کي." يار مون کي ڪُتي کان بچاءِ ڪُتو تو کائيم، پر هُن جو سڏ ٻُڌڻ ئي نہ.
وري هلڻ، قدم تڪڙا تڪڙا، پُنيانس ڊوڙندڙ ٿهڪ ماڻهن جا "پڇان جلدي، تڪڙو پهچان گهر." قدم ۾ لڪل خوف ۽ قدم وڌيڪ زياده تڪڙا تڪڙا!
گهر مان صبح جو ڪنهن ڪم سان نڪتل، دير بہ ٿي ويئي، ڪم بہ وسري ويو، جان تہ ڪيس آفيس بہ وڃڻو آهي.
اوچتو ڪالهہ جي وسري ويل ڳالهہ، ذهن جي دريءَ تي ٺُڪ ٺُڪ ڪندڙ خوشي ڇَهٽيل ڇهري تي.
خوشي، جلدي پهچان گهر، خوشي مان نہ ماپندي.
سندس صاحب جا چيل لفظ اجان بہ ڳُونجندڙ ڪنن ۾.
مسٽر اسلم اوهان جي لئہ مسٽر فلاڻي ايم.اين.اي ۽ منسٽر سفارش ڪئي آهي، ڏينهن ٻن ۾ اوهان جي بدلي فلاڻي برانچ ۾ ڪئي ويندي.
اجان بہ خوشي مان نہ ماپندي.
" واهہ مزا ٿي ويا، هاڻي تہ موجون ئي موجون، رڳو ڏوڪڙ ئي ڏوڪڙ خوشي ۽ خوشي."
خوشي جو هڪ ڊگهو سلسلو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جلدي پهچان گهر.
گهر ۾ گهڙي، .... پنهنجن ڇٽن ٻارن جي ماءُ کي پريان پاڪرن ۾ پاڪر، زال سان پاڪر، ڳٽن تي چُميون ۽ ۽ ۽ ۽....
ها ٻنا ڳُنڍڪن جي.... پيار جو طويل سلسلو.
پر ٻارَ....
خير ٻارن جو چاهي، ٻارن جي ته ماءُ کي....
پاڻ هلندڙ رستي تي، پر سندس سوچون اُڏامندڙ مٿي آسمان ۾، مُرڪ چپن تي ٽانڊاڻي جيان ٽمڪندڙ.
خيال ٻارن جو.
آفيس کان اِيندي، گهر ۾ گهڙندي، بابا، بابا اچي ويو.
بابا پئسہ
بابا شيءِ
بابا........ ڪپڙا
بابا........ چمڪيل، جوتو.
بابا........ ڪتاب،
بابا..... بابا..... بابا...... با..... با....
مُرڪ ٻرندڙ، اُجهامندڙ، مُرڪ ترندڙ، مُرڪ ٻڏندڙ.
"نہ نہ هائي اِيئن نہ ٿيندو. هائي تہ موجون آهن موجون."
"يلي برانچ آهي، رگو ڏوڪڙ ئي ڏوڪڙ، هيٺان ڏوڪڙ، مٿان ڏوڪڙ، هِتان ڏوڪڙ، هُتان ڏوڪڙ، رگو ڏوڪڙ ئي ڏوڪڙ."
هڪ خوشي جو حاصل، اُن خوشي جي حاصل ٿيڻ لئہ ڪيل چاپلوسي، لٽڪائڻ ٻچ ڪُتي جيان، ڪُتو محسوس ڪرڻ پاڻ کي!
" زندگيءَ جو سفر، ڪنن ۽ ڏکيو سفر، ان سفر کي ڪٽڻ لئہ ڪڏهن ڪُتو بہ ٿيڻو پوندو آهي، ماڻهو تہ سڀ جلديءَ ۾ ڪُتا ٿيو وڃن، آئون جي هڪ دفعو ڪُتو ٿيس تہ چاٽي پيو."

•

اکين اڳيان آيل هڪ ڏنڍلو منظر
سندن گهر، ٻہ ڪمرا، وراندو ۽ اڱڻ.
ٻہ پهر هڪ ڏينهن جاءِ.
وراندي جي وچ تي ڪٽ، ڪٽ تي وڇايل ٽِڪن واري رلي ۽ گلاب جو گُل پريل وهائي تي، ڪٽ تي ويٺل وڏي ڏاڙهيءَ وارو هڪ اوپرو شخص، سندس پيءُ ويٺل پيرن ۾ اوپري شخص جي.
"سائين اوسائين اسان کي دُعا ڪر!"
"سائين اسين غريب آهيون، اسان جي روزي ڪُشادي ٿئي!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاباش، شاباش، تون تہ ڏاڍي هوشيار آهين.

ساهہ سندس رڪيل، خدا اڳيان ٻاڏائڻ وسري ويل ۽ نگاهون اڃان بہ ويجهو سوراخ جي، جواني ڏانهن ڊڪندڙ ڇوڪري ننڍڙا بلورن جيڏا اُرهہ ڳاڙها ڳل جن تي مُلئين جا هٿ ڦرندڙ. موڪل ٻين ٻارن کي ۽ هي لکي تو وڃي ڪُنڊ پاسي ۾.

مَلئين جو شيطاني نظرون ڇوڪريءَ ۾، "تون ويهہ تنهنجو قرآن اڃان ٿورو ڪچو آهي، ويهہ توکي پڪو ڪرايان."

"سائين آئون وڃان ٿي، صبح جو پڪو ڪري اِينديس."

"نہ ويهي هتي پڪو ڪر."

ڇوڪري هيسيل، ڊنل، ۽ سبق ٻُڌائيندڙ ۽ ملون ٻُڌندر، هن جو سوراخ مان ڏسندو رهڻ ۽ اکيون ڇنيڻ بہ بند.

ملئين جا هٿ ڳلن تان لهي بلور جيڏن ارهن ڏانهن وڌندر، ننڍڙن اَرهن تي ڦرندڙ اڳريون، ۽ ڇوڪريءَ جي وات مان نڪرندڙ سوسات ۽ مَلئين جو آواز "شاباس، شاباس!"

"سائين، سائين، هي ڇا پيو ڪرين، سائين سُور ٿو ٿئي."

"نہ نہ ڪجهہ بہ نہ تون قرآن ٻُڌائي!"

ملئين جا هٿ هيٺ لهندڙ ۽ سلوار جي مٿان پيٽ جي هيٺيان هٿ ڪتڪتاڙيون ڪندڙ، ڇوڪريءَ کي ڪاٻہ خبر نہ تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ هوءَ تہ ڪتڪتاڙيءَ جي احساس هيٺ ڪلندڙ.

۽ ملئون، هٿ سان جنسي لذت مائيندڙ، ملئين جي اکين ۾ پريل وحشت، سوئر کان بہ بدتر، هٿ تڪڙا تڪڙا هلندڙ، ۽ سندس سُنڻ جو اُيار وڌندڙ.

هن جي اکين اڳيان ڦرندڙ تڪڙا سين فلم جا. مذهب جو ٺيڪيدار، سدائين مذهب جي پرچار ڪندڙ، وڏي ڏاڙهي تسبيح هٿ ۾ منهن ۾ نور وسندڙ. نورڪيئن نہ وسندو جي ڪو ڪم ڪار ڪندو هُجي؟

شهرين کي سَڌارڻ لئہ هن جو ۽ هن جي دوست مولوي عبدالرحمان جو ٺيڪو ڪنيل، شهر ۾ شراب جو گُتو ڪليو تہ اُن تي پٿراءُ ڪندڙن جي اڳواڻي ڪندڙ، شهر ۾ گناهہ ٿهلجي رهيا آهن، گناهن کي روڪيو، شهرين کي ليڪچر ڏيندڙ جمعي جي نماز تي.

"شهر مان چڪلا، شراب ۽ ڊش اينٽينا بند ڪريو." ملئين جي ڊپ سي سان شڪايت تہ نئون نسل بگڙجي رهيو آهي.

مذهب ۽ مذهبي جماعتون هڪ ٻئي تي بيان بازي، اسان ئي سنئين راهہ تي آهيون.

هن ملئين جو ٻيو جوڙيوال ساٿي مولوي عبدالرحمان هر شهري بہ ڪيس جائندڙ، جوا ڪيڏندڙ، شراب پيئندڙ، لونڊي بازي ڪندڙ، ضلعي جي زڪوات عشرڪاميٽي جو چيئرمين، غريبن جا پئسہ ڪائيندڙ، ۽ هي وري ننڍڙي ڇوڪريءَ سان هٿ چراند ڪري جنسي لذت مائيندڙ.

خيالن کي ذهن ۾ ڊوڙائي ڊوڙائي ٿڪائي هي يونڪي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوهيل آهي، تنهن ڪري سڀ پئسي جي ڊوڙ ۾ سڀ ڪجهه وساري رهيا آهن. هن ڏٺو ته ماڻهن جو اجهان به هن ڏانهن ڪوبه ڌيان ناهي ته هي وري وات ڦاڙي تو ۽ ڀونڪي ٿو تيز، تيز، تيز.

"اڇو شهر واسيو، پنهنجون نفرتون، بي حيائيون، ذليل پايون سيني ڪي ميڙي شهر جي پاسي ڪان وهندڙ واهه ۾ اُڇلائي اڇون." هڪ لت پُٺن واري "پيٽسان ڀونڪي ڀونڪي ڪنن جا پردا ٿو ڦاڙي."

ڏک، سَور ، ايذاء ڪاوڙ، نفرت ۽ بغاوت، وات کولي چڪ هڻڻ لئہ رومڙ، پر سندس سامهون ڏک هڻندڙ سندس دوست ظفر.

ماٺ، وات بند، ڪاوڙ ڍري، ٽيس وري شيڪو پٽر جو، مٿي مان رت ڳڙهندڙ، ڪي گهڙيون ڏسڻ شهر جي ماڻهن ڪي ۽ پنهنجي دوست ڪي جنهن جي هٿ ۾ پيل پٿر.

هن جي قدمن ڪي آيل حرڪت، ۽ ڊوڙي ٿو تيز، تيز، تيز، شهر مان نڪري ٿو وڃي ٻاهر ۽ هاڻي بيٺل آهي شهر جي ٻاهران، بيهي ٿورهي، ساهس، ساهہ ڪڻي، وڏا وڏا تيز، تيز، سڄو ڏينهن گذريل، ذليل پٽي ۾، اکين اڳيان گذرندڙ گذريل گهڙيون، ماڻهون ۽ سندن لڪيل چهرا، ٻاهران ڪجهه ۽ اندران ڪُجهہ، هي ڏسي ٿو، سج لهي پيو سُرمئي شام نچي پئي، گهنگهرن سان، شام نچي نچي ساٿي تي هلي ويندي ۽ پوءِ ڪاري عورت جهڙي رات اِيندي.

هاڻي آئون ڪيڏانهن وڃان؟

هڪ هند بيٺل ، سمجهه ۾ ڪجهه بہ نہ اِيندڙ، گهر، شهر، دوست، شهر جا ماڻهو، ڪوبہ تہ سندس ناهي رهيو. ٽنگون ڪوڙي ويهي ٿو رهي.

ڪن پل ڪان پوءِ سندس پاسي ۾ هڪ ڀونڪ، ۽ پوءِ بہ ٽي لڳاتار ڀونڪون، لاڳيتيون تيز ڀونڪون، ڀئون، ڀئون، ڀئون.

گهبرايل، پريشان، ۽ ششدر ٿيل.

سندس سامهون بيٺل چار ٽُلها متارا ڪتا. اکين اڳيان ٽمڪندڙ تارا، لهندڙ سج اکيون ڀڃندڙ، ڪلندڙ ۽ ٽهڪ ڏيندڙ، پاڻ ڊڄي ٿو وڃي ، گهبراهٽ، نڙي سَڪل.

"اڙي ڪير آهين ڙي تون!" ٽُلهو ڳاڙهو ڪُتو سندس ڊگها نوڪدار ڏند ڏيکاريندي چوي ٿو.

"آئون آئون آئون ڪُتو." منجهندي اکيون جُهڪائيندي چوڻ.

"نہ نہ قطعي نہ تون تہ ڪُتو ناهين." اڇو ڪُتو وڏي رڙڪري چوي ٿو.

"سچي اوهين پاڻ ڏسو پيا تہ آئون ڪُتو...."

"نہ تون ڪُتو ناهين پر ڪُتو ٿيڻ ٿو چاهين. يا ٿيو آهين ڪارو ڪُتو." چوي ٿو.

"تون جو ڪُتو ٿيو آهين، جڏهن اسين ڪُتا وڻا آهيون، هاڻي اوهان ماڻهن کي ڪُتو ٿيڻ جو نيشن هٿ اچي ويو آهي، اسين ڪُتا ڀلا ماڻهو ٿيون ٿا؟"

هڪ مٽي مان ڀريل گدلو ڪُتو سندس ويجهو ايندي چوي ٿو.

"پر آئون تہ هڪ غريب لوسي ڪُتو آهيان".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"غريب ۽ لوسي ڪُتا اسان ۾ به آهن ته اسان جهڙا خونخوار ڏاڙهيندڙ ڪُتا به، پر تنهنجو ڪهڙو ضرور هو ڪُتي تيڻ جو، هاڻي تيار ٿي وڃ سزا ڀوڳڻ لاءِ".

هن جون اکيون ڦاٽل، گهبراهٽ ۽ پريشاني مان نهارڻ ڪتن ڏانهن ڪيس ڳالهائڻ به نه ٿو.اچي هاڻي ڇا ڳالهائي.

هو ڪُتا ڦاڙين ٿا وات، تکا نوڪدار ڏند.

ٻيچارو، خوف دل جي دروازيَ تي ٺڪ ٺڪ ڪري ٿو، پنهنجو انجام اکين اڳيان ڏسڻ.

ڪُتن جا چڪ ڦبيل ۽ ڏاڙهيندڙ سندس جسم کي، لت پت ٿيندڙ، ڪريل زمين تي، متانس چڙهيل چارڪُتا، پاڻ ڇڏائڻ جي زبردست ڪوشش، ۽ هو ڏاڙهيندڙ، ساڻا ساهه، آخري پساهه، سڄو رتو رت، ڪنڌ کي ڏوڻي ٿو، اکين اڳيان سندس انجام هئي ويل. سندس سامهون بيٺل چار ڪُتا وڌندڙ هن ڏانهن ۽ اوچتو پاسو ڏيئي ڀڄي ٿو هنن کان، ۽ هو به سندس پٺيان ڀڄن ٿا. هي ڀڄندڙ، زنده رهڻ جي تمنا، موت کان ڊپ، ڪُتن کان ڊپ، پٺيانس ڪُتا ڀونڪندڙ، ۽ تيز تيز هن ڏانهن پهچڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا ۽ هي به ڀڄندڙ تيز، ڪڏن ڪوٻن، ڪڏن، گٽرن، پٽرن، پرائين ڦتل جاين، ميدانن مان سهڪندو ڀڄندو پيو وڃي.

۽ هو به ساڳي رفتار سان سندس پٺيان ڊڪندڙ، هي بيهي نه ٿو، ٿڪجي به نه ٿو. بيهندو ته مارجي ويندو.

۽ هو به نه ٿا بيهن

۽ اِئين ڊوڙندا پيا وڃن. ●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# آئيناءِ اولڙا

حسن آڪاش جي سامهون ويٺو آهيان، ڪافي دير تي ويٺي اٿم. سندس چپ سُبيل. چپ چاپ ويٺل، صرف ڏسي پيو. آڱرين جي وِٿين ۾ اٽڪيل اڻ دکيل سگريٽ ڪي ۽ چوڌاري ڪمري ۾ پِٽين تي لڳل ۽ هيٺ ٽڙيل پکڙيل تصويرن ڪي.

"بور ٿي پيو آهيان، اجان ويهان يا اُٿان؟" اڻ تڻ ۾ آهيان. سندس اکيون التجا مان نهاري ڳالهائين ٿيون: "اجان نہ وڃ، ٿورو ويهہ ڏس! مون وٽ توکان سواءِ ڪير بہ تہ نہ ايندو آهي!"

ٽيبل تي پيل ماچيس تو کڻي. چپن تي سگريٽ رکي، دکائي ٿو. چوي ٿو. "بور ٿي پيو آهين شايد؟"

"پٿر جي بُت اڳيان ويهندي، آخر هرڪو بور ٿي پوندو آهي." چوانس ٿو. ٺهڪ ٿو ڏي اوچتو، آئون ڊڄي ٿو وڃان، اوچتي ٺهڪ تي. آئون پٿر جو بُت آهيان!؟ ها، ها ها.... سچ ڏلفي، الائي ڇو آئون ايترو زياده ڳالهائي ناهيان سگهندو. ايئن ڀائيندو آهيان، جڻ زبان ڪنهن پاڙان ڇڪي پٽي، ڇڏي آهي."

اُداس ٿورو وکريل وار، ڏاڙهي وڌيل، ڪپڙا ميرا گپ تي ويل، سڄو ڪمرو اُداسيءَ جو هڪ منظر چوڌاري پکڙيل، تصويرون بہ اڏاسيءَ مان هيٺ ڪنڌ ڪريو ويٺيون آهن. چوانس ٿو: "مسٽر حسن آڪاش! تيار ٿي ڪلفٽن تي هلون، اڄ اُتي ڏاڍو مزو هوندو."

"نہ، آئون تہ نٿو وڃي سگهان. ڏس، هوءَ منهنجي تصوير اجان نامڪمل آهي."

منهنجون نگاهون سندس چهري تان ترڪنديون، نامڪمل تصوير تي ڪپي ٿيون وڃن، توپ جي منهن تي وڏو ڪلف لڳل، پکي توپ اندر آکيرو پيا ٺاهين. هڪ مسخرو توپ جي اڳيان نچي پيو. تصوير جي هيٺيان لکيل:

"دنيا جو مزو وٺو، دُنيا اوهان جي آهي."

نامڪمل تصوير تہ ناهي، پر اُن تي رڳو رنگن جي برسات نہ وسائي اٿائين. تصوير تان نظرون هٽيل، نگاهون سندس چهري تي. هو چُپ نهاري پيو تصوير ڏانهن. ڪرسي تان اُٿان ٿو. بہ قدم وڌايان ٿو هن ڏانهن. مٿان بيهانس ٿو. ٻانهن مان جهلي جهڪ ٿو ڏيانس. هڏن جو پڃرو ڪُرسيءَ تان اُٿي ٿو. دکيل سگريٽ هيٺ ڪري ٿو پوي. منهنجو وات ڪُليل لفظن جا رانديڪا اڇلايانٿو هن ڏانهن. "او مسٽر! جلدي تيار ٿي وٺ، اڄ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ريل گاڏي نظرن کان اوجهل ٿي ويل اوندهه ۾!
ريلوي اسٽيشن تي بينڇ اُداس ڪهائيڪار، پريل ميڙهه اڪيلو اڪيلو.
هلندو ٿو رهي جُدائي جي رستن تي، هلندو ٿو رهي، هلندو ٿو رهي،شهر جو
وڏو رستو ڇڏي هڪ ننڍڙي رستي تي، هلندو ٿو رهي، هلندو ٿو رهي.
شهر جو وڏو رستو ڇڏي هڪ ننڍڙي رستي تي سندس قدم ڊرا ڊرا هلندڙ.
شهر جي بجلي هلي ويئي اوچتو.
اوندهه جي ڪاري چادر آسمان مان ڪري پئي شهر مٿان.
پوءِ بہ هي هلندو ٿو رهي ، اوندهه جو سينو چيريندو اڳيان خالي رستو ۽
اوندهه جو هڪ نہ ٽٽندڙ سلسلو. ●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بابا جي بہ سدائين نفرت، الائي چو؟ ڪوئي ڪارڻ تہ ضرور هوندو، منهن ڦيري چڏڻ، يا گهٽ وڌ ڳالهائڻ، موکو مٺر آهي ڪنهن بہ ڪم جو ناهي ذليل ۽ رولو آهي، گهر ۾ ڪابہ اهميت نہ، اِهو ڪڏهن بہ نہ سوچڻ تہ ڪو بيو ساهوارو بہ هتي ساهہ ڪٽي پيو لڪي.

امان جي نفرت جو ڪارڻ، سندس پسند جي شاديءَ کان انڪار. هڪ مڙهيل شادي جنهن ۾ منهنجي پسند جو ڪوبہ خيال نہ.

توٽي جو آئون مُتلاشي هُئس/ آهيان پيار جو، اِها مڙهيل شادي منظور نہ هُيم تہ نہ ڪيم– نفرت وسندي رهي مون تي. پيءَ ماءُ ڀائرن ۽ ڀينڻ جي نظرن ۾ نفرت لائق ئي ويس آئون.

اُسڪول ۾ بہ ڪلاسين کان ويندي اُستادن تائين آئون نفرت لائق هوس.

سدائين، اڪيلو، اڪيلائپ، احساس محروميءَ ۾ مبتلا پوئينءَ بينچ جو حقدار.

دوستن ۾ بہ، آئون نفرت لائق هوس، هو پري پڇڻ لڳندا هٽا مون کان، دُنيا جُون سڀ نفرتون منهنجي جهوليءَ ۾ آيون آهن، ڪو بہ تہ ناهي جو منهنجي جهوليءَ مان ڪڍي نفرتن جا ڪنڊا ۽ وجهي ڪي پيار جا گُل، نفرت اُن ڇوڪريءَ جي جيڪا مون کي ڏسي ٽڪون اُچلائيندي هُئي.

نفرت اُن ڇوڪريءَ جي جنهن مون کي بي عزتو ڪيو هو، وچ شهر ۾. ڏوهہ صرف اِهو جو اڪيون ڦاڙي ڪيس ڏٺم، ذليل ۽ خوار ٿي ويس آئون، سڄي شهر ۾.

۽ نفرت اُن ڇوڪري جي بہ، جا پڙهندي هي مون سان گڏ، جنهن جي اکين ۾ مون محبتن کي وينل ڏٺو هو. کُجهہ چيم جو هُن استاد کي چٽي مار ڪڍائي هئي مون کي. هتن ۾ ڏنبا لڳڻ ڪري لڦون پٽجي ويون هيون ۽ بيون بہ الائي ڪيتريون نفرتون جن جو سفر ختم ٿيٽون ناهي. هينئر چرڪ ٿو پريان، اکيون ٽمڪايان ٿو. ساهہ کي روڪيان ٿو، هي آواز ڇا جو آهي، ڪوئي اچي رهيو آهي مون ڏانهن، هن گهر ڏانهن اِينڊڙ سڀ رستا تہ بند آهن، پوءِ بہ ڪوئي اچي پيو. ڀلي اچي ڏسان تہ ڪير آهي. جنهن کي منهنجي يادگيري آئي آهي.

اچائي مايوسي، اچايو سراپجي وڃڻ، ڪو بہ تہ نا!

هُوءَ مون سان گڏ رهندڙ ڀلي پٽي اچي، ويجهو اچي ٿي آهي. ڪٿانس ٿو هٿن ۾، هُوءِ ٿتڪڻ لڳي آهي هٿن ۾، پڪڙيانس ٿو زور سان هٿ ۾، وِيهاريانس ٿو سامهون.

اوهي ڇا، وري پاڻ ڇڏائڻ ٿي چاهي مون کان، ڏند پٽي ڪڍي، چڪ اگر ۾، هُن جي بہ نفرت مون سان.

"تون تہ مون سان اِنسانن وانگر اِئين نہ ڪر." ڇڏي ٿو ڏيانس.

ڊوڙندي نڪري ٿي وڃي ٻاهر، آئون ڏسندو پيو رهان، نيڪ آهہ نيڪ، جتي سڀ اِئين پيا ڪن، اُتي تون بہ اِيئن ڀلي ڪر، ڪو حرج ناهي.

"پيار مُون لئہ اُها شريف وئيشا آهي جا اِجان ڪُنواري آهي جنهن وٽ اجان ڪو بہ گراهڪ ناهي آيو."

مٿان ڦرندڙ پنکو کلي پيو مون تي، ٻي سُري آواز ۾ ڏند ڪڍيو ، ۽ اُچلائي پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون تي گرم هوا، نفرت پاسي ۾ ڪٻٽ، ڪٻٽ سٽيل ڪتابن سان.

ڪتابن ۾ پڙيل تاريخون، ڪهاڻيون محبتن ۽ نفرتن جُون. سفر محبتن جو ختم ٿي ويلُ، اڃان بہ جاري سفر نفرتن جو، انت اڃان ناهي ٿيو نفرتن جو، سڄي دُنيا ۾ پکڙيل رڳو نفرتون!

مون کي نفرت آهي نفرت سان.

مون کي نفرت آهي نفرت سان.

مون کي نفرت آهي نفرت سان.

مون کي پيار کپي ، لوڪو، پيار کپي، ڪوئي ڏيندو مون کي، آواز نڙي مان نڪري ڀتين سان ٽڪرائجي ساڻو ٿيو، ڪري ٿو پوي هيٺ فرش تي.

ڪُهنجان پيو آئون. پوساتجان پيو. ساھ هٿن ۾ جهلي نپوڙي پيو ڪير، ڦاٿجندو پيو وڃان اندران ئي اندران ڪاڳر جيان، قدم وڌائي پيهان ٿو آئيني جي اڳيان، هٿ ڦيريان ٿو چهري تي، شڪل اهڙي خراب نہ اٿم، پوءِ بہ ڇو مون سان ڪوئي پيار نہ ٿو ڪري.

پيار بڪواس آهي، ڪوڙ آهي، ماڻهو ٺلها چتا ٿيا آهن پيار پيار ڪري.

"پيار مون لئہ اُهو آئينو آهي جنهن ۾ منهنجو ڪو بہ عڪس ناهي!"

مُڪ هڻي توڙي ٿو ڇڏيان آئيني کي، آئيني جا ٽُڪرا پکڙجي ٿا وڃن هيٺ فرش تي، نفرت هر هنڌ پکڙيل آهي، پوءِ بہ ماڻهو ڇو ٿا ڪن پيار؟ هي پيار واريون فلمون، ناول، ڪهاڻيون، لوڪ قصا پيار جا. سسئي پنهون، ليليٰ مجنون، سهڻي ميهار، هير رانجهو ڇا سڀ دوکو ۽ فريب آهن!؟

آئون ڪيئن ڄاڻان. مون کي ڪهڙي خبر مون تہ ڪڏهن بہ پيار ڪيو ئي ناهي.

مون پيار تہ ڪيو آهي. پر ٻئي ڪنهن مون سان ناهي ڪيو پيار.

ڪير هوندو جو تڙپندو هوندو مون ڪاڻ.

ڪير هوندو جو روئندو هوندو مون ڪاڻ.

۽ ڏسندو هوندو سپنا منهنجا . جيئن آئون ڏسندو آهيان.

ها. ها، واقعي ڪوئي تہ ضرور هوندو منهنجو.

پر نہ، شايد آئون پاڻ کي ڪوبہ دوکو نہ ٿو ڏيئي سگهان. ڪو بہ تہ نہ هوندو منهنجو، چريو آهيان پاڳل آهيان، اجايو ٿو سوچيان سڀ ڪُجهہ غلط پيو سوچيان، دوکو پيو ڪيان پاڻ سان، پيار آئون حاصل نہ ٿو ڪري سگهان، ڊڄڻو آهيان، گيدي آهيان. ڪنهن کي بہ ڪُجهہ چئي ناهيان سگهندو.

صرف اُڻيندو آهيان سپنا اکين ۾.

ڪڏهن ڪڏهن شدت سان چاهيندو آهيان، پنهنجي اندر جي بُزدل انسان کي ناهي چماٽون هڻان، زور سان ٺڏ هڻان، جنهن مون کي گيدي بنائي ڇڏيو آهي. سڄي عمر گيديپڻي ۾ گذري ويئي، ڪو وڙهندو آهي تہ ٽماٽائي مان ڇوندو آهيان "آئون تہ تنهنجي گس تان ئي ناهيان لنگهيو، تون ڇو ٿو وڙهين مون سان هرو ڀرو!" اڳيون ماڻهو ڦونڊبو وتندو پنهنجي طاقت تي ۽ دوستن ۾ ڳالهيون ڪندو هوندو منهنجي بزدليءَ جون. ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



آئون پنهنجي همعصر نوجوان ڪهاڻيڪار ذوالفقار ڪانڌڙي جو روايتي تعارف لکڻ بدران ان ڳالهه کي ترجيحي ۽ خوش آئند سمجهان ٿو ته هڪڙو خوبصورت ڪهاڻيڪار اسان جي سامهون آيو آهي.

روايتي ڳالهين کان هٽي، بس ايترو ٿي چوندس ته "دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري" جهڙي شاندار ڪهاڻي لکندڙ ذوالفقار ڪانڌڙي جي وصف اها آهي ته هُو پنهنجي خيال کي منفرد لهجي ۾ پيش ڪري ٿو. ذوالفقار ڪانڌڙو اڃتي هلي امر جليل، نسيم کرل، جمال ابڙو وغيره مشهور ٿئي نه ٿئي، پر "ذوالفقار ڪانڌڙو" طور ضرور پنهنجي سڃاڻپ حاصل ڪندو.

**ضراب حيدر**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**